گلشن احمد

مصنف: مولوي حاجي احمد ملاح

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

گلشن احمد

مصنف

مولانا حاجي احمد ملاح بدين

مرتب

مولوي عبدالله جوڻيجو بدين

ڇپائيندڙ:

غفور نيوز پيپر ايجنسي، بدين

Soorih Mirani

ايڊيشن ٽيون]   سال ١٩٧٧ع   [تعداد ٻه هزار

ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم.

قيمت ٣-٠٠ روپيه

هي ڪتاب عبدالغفور جوڻيجي، پاران غفور نيوز پيپر ايجنسي بدين، اسٽار پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپائي، بدين مان شايع ڪيو.

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
١	تعارف	الف
٢	پيش لفظ	ج
٣	ديباچو	ز

ڀاڱو پهريون

١	نظم (عدد نيويهه)	١ کان ٢٣ تائين

ڀاڱو ٻيو

١	هر مهل جيڪي مڱو	٢٣
٢	صاحب سڌر کي سڏ ڪجا	٢٦
٣	پنھو جيڪي پنھو	٢٨
٤	آڏي اسر ۾ ڪوٺيونس	٣١
٥	آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد	٣٤
٦	دنيا درگذر جو ماڳ	٣٧
٧	ڏيک دنيا جي دوست دورنگي	٤٣
٨	ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو	٤٧
٩	پسند پٽ پنھوارن پيارن سندو	٥٢

مارئيءَ جي مدح

١٠	ڳوٺ وارن کي نصيحت ١-(مزاحيه)	٥٨
١١	ڳوٺ وارن کي نصيحت ٢-(مزاحيه)	٦٣
١٢	اسرار الاهي (ڏيهه اکري)	٦٨
١٣	الله اڪبر چئي آئي	٧٦
١٤	ستار سان سودو لڳو	٨٤
١٥	اتفاق	٨٥
١٦	ڏيهه جو ڏاتار (مناجات)	٨٧

Soorih Mirani

تعارف

جناب مرحوم مولانا حاجي احمد ملاح صاحب جيئن سنڌ جو هڪ نامور عالم هو، تيئن بي نظير شاعر به هو. سندن ڪلام هڪ طرف ديني، دنوي هدايت بخشيندڙ آهي ته ٻئي طرف مجازي محبت جو پاڪيزه انداز ۾ پيش ڪندڙ آهي.

سندن ڪلام جا ڪي مجموعا وقت به وقت شايع ٿيندا ۽ ناياب ٿيندا پئي ويا. پر اڃا به بي انداز شعر رهيو پيو هو، جنهن جي شايع ٿيڻ جي نهايت سخت ضرورت هئي. جو هڪ طرف اهو ضايع ٿيڻ کان بچي پوي ته ٻئي طرف سنڌي ادب ۾ به هڪ گرانقدر اضافو ٿيندو وڃي.

اها نهايت خوشي جي ڳالهه آهي، جو بدين جي هڪ باهمت علم دوست مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي صاحب سندن ٻار ٻار همٿائڻ ۽ ذاتي مشورن تي عمل ڪري هيڏي ساري جبل جيڏي ڪم ۾ هٿ وڌو ۽ "ڳهڙيا مي چڙهيا" جي مصداق، هيستائين جملي پنج ڪتاب شايع ڪري چڏيا آهن. اهڙيءَ طرح آهستي آهستي باقي سمورو ڪلام به شايع ٿي ويندو ۽ هي بي بها نعمت به هر سنڌيءَ جي هٿن ۾ پهچي ويندي. هي "گلشن احمد"

جو ڪتاب، غفور نيوز پيپر ايجنسي بدين جي ٽيو نمبر ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن آهي، جو هاڻي ڇپيو ويو آهي.

آءٌ سنڌ جي علم دوست صاحبن کي توجه ڏياريان ٿو ته هو به هن عظيم ڪم ۾ مولوي عبدالله صاحب سان ٻانهن ٻيلي ٿين ۽ هن ڪتاب جي خريداري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪوشش ڪن ۽ چاهه وٺن ته جيئن هي بيش بها ادبي خزانو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي وڃي.

مرحوم مولانا صاحب جو هڪ خاص نيازمند:

م-ع ڏيپلائي

حيدرآباد سنڌ

٢٦-آڪٽوبر ١٩٦٩ع

پيش لفظ

هي ڪتاب لاڙ جي بي نظير عوامي شاعر مرحوم مولانا حاجي احمد ملاح جي چند چونڊ ۽ مشهور ڪلامن جو مجموعو آهي. اهڙي عمده مجموعي کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي، هيءَ ٻي ڪوشش آهي. هن کان اڳ "گلزار احمد" نالي ڪتاب اهڙيءَ طرح ورتل پهرين ڪوشش جو نتيجو آهي.

اسان جي سچي سنگت، توڙي عام پبلڪ ۾ اسان جا اهي ٻئي ڪتاب ڏاڍا پسند پيا ۽ هٿوهٿ کپي ويا.

تازو هاڻي اهي ٻئي ڪتاب، وري نئين ايڊيشن ۾ ڇپايا ويا آهن، جن مان گلزار احمد ڪتاب ته ڪجهه وقت اڳ شايع ٿي چڪو آهي، باقي گلشن احمد ڪتاب تازو هاڻي ڇپجي تيار ٿيو آهي.

هن گلشن احمد جي ٻئي ايڊيشن ۾ ڪتاب جا ٻه ڀاڱا ڪيا ويا آهن. پهرين ڀاڱي ۾ ننڍا ننڍا غزلن جي طرز تي چيل سلسليوار ٽيويهه مختلف ٻيا وڌيڪ نوان نظم ڏنل آهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ساڳيان اڳيان گلشن احمد جا آهي سورهن مختلف نظم نئين ترتيب سان ڏنا ويا آهن ته جيئن هي ڪتاب اڳئين ڪتاب کان وڌيڪ وڌيڪ دلچسپ ٿئي.

Soorih Mirani

هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾، جيڪي سورهن نظم ڏنل آهن، سي سڀ مختلف وقتن تي جدا جدا موضوعن تي چيل آهن، انهن مان ڪي نظم ته گهڻو اڳاڻو چيل آهن ۽ ڪي نظم ته تازو هاڻي مرحوم مولانا جي آخر عمر جا چيل آهن.

پهرين ڪان وٺي چوٿين نمبر نظم تائين، جيڪي به چار نظم آهن، تن سڀني ۾ هيءَ حقيقت ممايل آهي ته فقط هڪ الله پاڪ ئي اسان سڀني جو مالڪ مهربان، واهر وسيلو ۽ ڏيهن جو ڏاتار آهي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته جيڪي اسان مڱون ته انهيءَ کان مڱون ۽ جيڪي به اسان ڀئون، سو انهيءَ کان ڀئون ۽ اسان کي ڏک ۽ سک ۾ ٻين سڀني کان منهن موڙي فقط هڪ الله پاڪ کي سڏڻ ۽ پوڪارڻ گهرجي.

پنجين نمبر نظم ۾ اسان جي نبي پاڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي سٺن عمدن اخلاقن ۽ دين اسلام جي ڪيل سڌارن جي ڪري تمام سٺي نموني ۾ وصف ۽ واکاڻ ڪيل آهي.

ڇهين نمبر نظم ۾ آهي ته هي دنيا فاني آهي ۽ هرڪنهن جي مٿان موت تيار بيٺو آهي، تنهن ڪري اسان کي غفلت ڇڏي سجاڳ ٿي چڱا ڪم ڪرڻ گهرجن.

ستين نمبر نظم ۾ چيل آهي ته ڪي تمام ٿورا اهڙا ننگي ماڻهو آهن، جن کي خدا پاڪ جو خوف آهي ۽ دين اسلام جو خيال آهي، باقي گهڻا تڻا ماڻهو ته پنهنجن ڏنڌن ۽ ڪمن ڪارين ۾ غرقوو آهن ۽ بد ڪمن ۽

گمراھي جي اوڙاھہ ۾ ڪريا پيا آھن. ڇھون ۽ ستون نمبر ٻئي نظم مدح جي طرز تي چيل آھن.

اٺين نمبر نظم ۾ ھن دنيا جي بي ثباتي جو بيان آھي تہ ھن ڌرتيءَ تي ڪئين قومون، بادشاھيون ۽ شاھي شھر، جي مٿس وسندڙ ۽ آباد ھئا، تن سڀني کي ھن ھڪبئي پٺيان ڪائي ڪپائي ڇڏيو آھي، تہ بہ اجا سندس پيٽ پرجي ڪونہ.

نائين نمبر نظم ۾ مارئي جي مدح ڏنل آھي، جنھن ۾ مارئي جي پنھنجي سنگھارن جي لاءِ سڪ ۽ وطن جي حب جو اظھار اعليٰ نموني ۾ ادا ڪيل آھي، پر حقيقت ۾ ھڪ الله پاڪ جي عاشق ۽ سچي ديندار مسلمان، جو ھتي دنيا جي ٻنڌڻ ۾ سوگھو ٻڌو پيو آھي، تنھنجي بيحد بيقراري جو بيان آھي.

ڏھين نمبر نظم ۾ ڳوٺاڻن مسلمانن کي مزاحيہ نموني ۾ نصيحت ڪيل آھي، پر نصيحت بہ تمام سھڻي ۽ مؤثر نموني ۾ ڪيل آھي.

يارھين نمبر نظم ۾ بہ ڳوٺاڻن مسلمانن کي نصيحت ڪيل آھي تہ ڪھڙا ڪھڙا ماڻھو ڳوٺ ۾ رھڻ جا لائق نہ آھن.

ٻارھين نمبر نظم ۾ مشھور نيمہ اکري "اسرار الاھي" واري مدح آھي، جنھن ۾ ھن جھان ۾، جيڪي الله پاڪ جون عجيب ۽ پراسرار قدرتون آھن، تن کي ساراھيو ويو آھي ۽ ڏيکاريو ويو آھي تہ اھي سڀ شيون، جيڪي ھن دنيا اندر پيدا ٿيل آھن، اھي سڀ

الله پاڪ جي هستيءَ جا واضح ۽ روشن دليل آهن.

تيرهين نمبر نظم ”الله اڪبر چئي اٿي“ بسم ئيہ اکري مدح جي طرز تي چيل آهي. هي نظم بہ جنگ عظيم جي وقت جو چيل آهي، جنهن ۾ موجوده مسلمانن کي سچو مجاهد مسلمان بڻجي سڄي دنيا کي غالب ٿيڻ جي رقت آميز ترغيب ڏنل آهي.

چوڏهين نمبر نظم ۾ خلافت تحريڪ جي وقت ۾ آيت ان الله اشتريٰ من المؤمنين انفسهم و اموالهم بان لهم الجنه کان متاثر ٿي چيل آهي تہ الله پاڪ جنت جي بدلي ۾، جو مومنن جي جان ۽ مال خريد ڪري ورتو آهي، اهو سودو اسان لاءِ سوايو آهي ۽ اهو سودو اسان کي بلڪل قبول ۽ منظور آهي ۽ هئڻ گهرجي.

پندرهون نمبر نظم بہ جو خلافت تحريڪ جي وقت جو چيل آهي، جنهن ۾ اتفاق جا فائدا ٻڌائي موجوده مسلمانن کي پاڻ ۾ متحد ۽ متفق ٿي رهڻ جي تلقين ڪيل آهي.

سورهين نمبر نظم ۾ ڌڻي پاڪ جي درگاهہ ۾ تمام عاجزي ۽ التجا سان مناجات آهي تہ توکان سواءِ اسان جو هن دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ سهارو ڪونهي. فقط تون ئي هڪ مددگار، سک ڏيندڙ ۽ ڏک لاهيندڙ آهين ۽ بس.

مولوي حاجي عبدالله جوڻيجو

٣٠- آڪٽوبر ١٩٦٩ع

ڏيباچو

محترم مولوي حاجي عبدالله صاحب جوڻيجي طرفان مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءٌ مرحوم مولوي حاجي احمد ملاح جي شعرن تي مشتمل ڪتاب "گلشن احمد" جي ٻئي ايڊيشن تي ڏيباچو لکان. مرحوم مولوي حاجي احمد ملاح اها محبوب هستي هو، جنهن جي وجود سان غريب آباد جو محلو ڀڪنڊڙ هو، هو لاڙ جو فخر ۽ سنڌي زبان جو عظيم عوامي شاعر هو. سندس شعر ۾ پيار جا درياءَ، ميٺاج جون لهرون ۽ جذبات جا طوفان هوندا هئا. هو عالم بي بدل عالي ظرف، ساده طبيعت، نيڪ طينت ۽ مرد مجاهد هو. هن وٽ علم ۽ حڪمت، خوش اخلاقي ۽ خوش گفتاري، ظرافت ۽ شيرين ڪلاميءَ جا درياءَ موجزن هئا. سندس موت هڪ فرد واحد جو موت نه پر هڪ باڪمال شخصيت، هڪ تحريڪ، هڪ صدي جي ولوله انگيز حرڪات جو موت آهي، هڪ اهڙي عالم دين جو موت آهي، جنهن ٽيهن سالن جي عرق ريزيءَ سان قرآن شريف کي سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيو ۽ اهو مثال دنيا جي ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ نه آهي. فردوسي کي اڄڪلهه انهيءَ ڪري بهترين شاعر چئجي ٿو، جو هن ايران جي تاريخ مثنوي

جي قالب ۾ بند ڪئي ۽ ٽيهه سال محنت ڪئي ۽ ان
بعد مقام فخر ۾ اچي چيائين:

بسے رنج بردم دریں سالسي،
عجم زنده کردم بدیں پارسي.

مون ٽيهه سال تمام گهڻي تڪليف ورتي ۽ عجم
کي پارسي سان زنده ڪيو. فردوسيءَ جو مثال هن
ڪري ڏيڻو پيو جو هن بادشاهي انعام جي لالچ ۾
ايران جي تاريخ کي شعر ۾ نظم ڪيو ۽ ان تي ٽيهه
سال محنت ڪئي. ۽ ان بعد سندس سر غرور سبب
آچو ٿي ويو ۽ چوڻو پيس ته مون عجم کي زنده
ڪري ڇڏيو. اڄ دنيا ان کي ايران جو باڪمال شاعر
تسليم ڪري ٿي. مگر جنهن مرد مجاهد غريب الوطني
جي حالت ۾ بنا ڪنهن انعام اڪرام ۽ ظاهري لالچ
جي خدائي ڪلام کي سنڌي زبان جي قالب ۾ نظم
ڪيو، ان نه مقام فخر ۾ اچي چيو ته مون ڪو
ايڏو وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ نه پنهنجي انهيءَ محنت
جو انعام ڪنهن ظاهري بادشاهه يا اميرڪان طلب ڪيو.
فردوسي ۽ احمد ملاح جي محنت ۾ به زمين آسمان
جو فرق آهي. هن ايران جي تاريخ کي نظم ۾ قلمبند
ڪري، سندس نالو شاهنامو رکيو. شاهنامي لکڻ لاءِ
هن کي مادي لالچ مجبور ڪري اهو ڪم ڪرايو ۽
جڏهن سندس غرض پورو نه ٿيو ته پنهنجي اها محنت
غرور ۽ تڪبر جي حيثيت ۾ اهل ايران کي ٻڌايائين
۽ مولانا ته اهو ڪم ڪنهن به مادي انعام يا لالچ لئي

نه ڪيو آهي، ۽ ڪم به قرآن شريف جو ترجمو سو به سنڌي بيتن ۾ ڪيائين. قرآن شريف جي جامعيت ۽ وسعت ايراني تاريخ کان لکين ڪروڙين دفعا افضل آهي. بلڪ ايراني تاريخ جي قرآن شريف سان پيٽ ڪرڻ به ڪفر آهي.

ملان فيضي بابت چيو وڃي ٿو ته هن قرآن شريف جو تفسير بلا نقاط فارسي زبان ۾ ڪيو. يعني هن فارسي ٻولي جا اهڙا لفظ استعمال ڪيا جن ۾ نقطا ڪونه ٿيندا آهن. دنيا فيضي جي انهي محنت کي ان وقت ۾ قدر جي نظر سان ڏٺو ۽ اڄ به انهي محنت سبب ڪيس عزت جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو، ليڪن جيستائين مولوي احمد ملاح جي محنت جو تعلق آهي، هو فيضي جي حدود کان گهڻو بلند آهي. فيضي قرآن شريف جو تفسير بلا نقاط عبارت ۾ لکيو، ۽ سو به نثر ۾ لکيائين ليڪن احمد ملاح صاحب قرآن شريف جي روح ۽ عرق کي سنڌي نظم ۾ لکيو. تفسير ۽ مفسر آزاد آهي، هن تي پابنديون نه آهن، ليڪن ترجمي ۽ منظوم ترجمي ۾ مترجم کي قدم قدم تي اصلي مفهوم جي حدن اندر رهڻو آهي. مولوي احمد ملاح جو منظوم ترجمي وارو قرآن شريف شايع ٿي چڪو آهي، ۽ فيصلو عالمن ۽ فاضلن ۽ چاڙهو ماڻهن کي ڪرڻو آهي، ته هو انهيءَ محنت ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي. جيستائين مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جو تعلق آهي، هو ان ۾ هڪ اعليٰ مقام جو مالڪ آهي. شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي

ڪيا ٿين. سنڌي، فارسي، اردو، سرائڪي، عربي ۾ ڪيس مڪمل مهارت حاصل هئي. سندس شعر ۾ جيڪو ميٺاج آهي، جيڪا سادگي آهي، تسلسل ۽ تصوير نـگاري آهي، اها ورلي ڪن شاعرن جي حصي ۾ آئي هوندي. هو في البديهه شاعر هو. هزارن جي تعداد ۾ سندس شعر موجود آهن. سندس شعر جا هن وقت تائين "گلزار احمد"، "بياض احمد" "هيڪڙائي حـق" "فتح لنواري" ۽ "گلشن احمد" ڪتاب مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي شايع ڪيا آهن. انهن ڪتابن جا ڪيترا ايڊيشن نڪري چڪا آهن. طلب جي اها حالت آهي جو هڪڙي ڪي ڪتاب مان ٻا ٽه ڀيا ڇپائيندا وتن ٿا. جس هجي مولوي حاجي عبدالله صاحب جوڻيجي کي جنهن مرحوم مولوي حاجي احمد ملاح جي ڪلام کي ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتو ۽ سنڌين ۽ سنڌي زبان تي سندس اهو عظيم احسان آهي. مرحوم مولوي احمد ملاح سندس انهي محنت تي ڪيس پاڻ سان گڏ زنده جاويد بنائي ڇڏيو. جيستائين مولوي احمد ملاح جو نالو زنده هوندو ته ان سان گڏ مولوي حاجي عبدالله جوڻيجي جو نالو به زنده رهندو، ڇاڪاڻ ته مرحوم احمد ملاح پنهنجي منظوم سوانح عمري ۾ مولوي حاجي عبدالله صاحب جوڻيجي لاءِ تحسين جي لفظن کي هـن نموني نظم ڪيو آهي:

"آهه عبدالله عالم نيڪ جوڻيجي ڪـي جس،
پيو لکيو پٽ ۾ پڪيڙي نظم لاماڻ نيڪ نام.

هن صحبت ۾ آئون گلشن احمد ڪتاب بابت پنهنجا

ٿاثرات عرض رکان ٿو. گلشن احمد ڪتاب جو هي ٻيو ايڊيشن آهي. هن ايڊيشن ۾ مرتب طرفان چونڊ نظمن کي به شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو سيڪشن اڳئين ايڊيشن ۾ نه هو. انهن نظمن جي شامل ڪرڻ ڪري ڪتاب جي افاديت ۾ اضافو ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي جتي توحيد، رسالت، اخلاقيات ۽ ظرافت تي شعر نظر چڙهندا اتي فنا ۽ بقا، عشق ۽ محبت، هجر ۽ وصال، لڙڪ ۽ مڙڪ، وفا ۽ جفا، تڙپڻ ۽ ڦٿڪڻ بابت به نظم انهن جي تسڪين جو سبب بڻجندا.

نموني طور آئون چند مثال ڪتاب ۾ شايع ٿيل شعرن مان عرض رکان ٿو.

توحيد جو پرچار ڪندي، مرحوم مولوي احمد ملاح صاحب ساڻهن کي تلقين ٿو ڪري، ته عبادت جي لائق خداوندتعاليٰ جي ذات آهي. جيڪي ڪجهه گهرڻو هجي ان ڪان ئي گهرجي. ان جو در ڇڏي ٻيا در چڪاسڻ شرڪ آهي. ۽ شرڪ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي. تنهن ڪري، مشڪل ۾، سفر ۾، حضر ۾ هرگهڙي خدا کي عرض ڪجي. ۽ ان جي در ٻاڏائجي ڪيرتون ڪجن، بديون بخشائجن، رب کي ريجهائجي ۽ پنهنجي مقصود کي حاصل ڪجي. ملاحظه ٿين چند اشعار:

رب غني غفار ڏي تو هر مهل جيڪي مڱو،
ذات ڏهه ڏاتار ڏي تو هر مهل جيڪي مڱو.

ڇا سخي ساراهيان صورت سخا جي ڇا چوان،
سڌ ڪريو ستار ڏي تو هر مهل جيڪي مڱو.

عـقـل عبرت عاقبت عـفـو، عـزت، عافيت،
او اڙيـن آڌار ڏي ٿـو، هر مهل جيڪي مڱو.
دولتون، دانائيون، دنيا، دوائون، دان، ديـن،
دو مڻان دادار ڏئي ٿـو، هر مهل جيڪي مڱو.
توحيد الاهي بابت چند مثال ڏيـڻ کانپوءِ جناب
حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جـي ذات بابرڪات
بابت چند شعر عرض ڪجن ٿا:
سانجهي صبح سدائين صلوات بر محمد،
صد بـار بارڪ الله برڪات بـر محمد.
هـر پار هل هلن ۾، صد بـار بلبل ۾،
گلزار گـل گلن ۾، صلوات بـر محمد.
ڀـلا تون ڀلين آئين ڀرجهلا ڀـلارا،
سـدا جـيءَ سچا شاه! سيد سونهارا.
سڀ ساهه سامان، جگر جي جسم جان،
ڪريان توتان قـربـان قريشي قـرارا.
سچا شـاه سـائين! صلواتون سـدائين،
هجن حشر ڏائين، تـوکـي تـاج وارا.
مولوي ملاح صاحب جو سچو شعر اخلاقي ۽ ناصحانه
نڪتن سان سينگاريل آهي. دنيا جي بي ثباتي ۽ انسان
جي مستي ۽ غير جوابداري ظاهري هار سينگار، ناز ۽
نخري، حڪومت ۽ بادشاهي، دٻدٻي ۽ شان، تڪبر ۽
غرور وغيره تي زوال ۽ موت جو قهري ڪان بلائي
ناگهاني پنجي ڪري ٿو، جنهن سبب بستيون ويراني ۾،
محلات قبرستانن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. هلندڙ جسم رک

جي صورت ۾ تحليل ٿيو وڃن. دنيا هڪ عبرت جو مڪان آهي، ان مان عبرت وٺڻ گهرجي. نيڪ اعمال ڪجن ۽ ظاهري ٺيڪ ٺاڪ کي ترڪ ڪري، دائمي زندگي لاءِ ڪو توشو هٿ ڪجي. مرحوم احمد ملاح صاحب انهن نڪتن کي اهڙي تہ بهترين ادائگي ۾ نظم ڪيو آهي، جو پڙهندڙ جي وات مان تحسين جا آواز بلند ٿي وڃن ٿا. ملاحظہ ٿين ٻہ مثال:

(١) هٿ اڳيئي حڪم وارا لڪ هٿا پوءِ ڪل هليا،
ڏهڪاءَ شان وارا لڪ هٿا پوءِ ڪل هليا،
ڪٽ چڙهي ۽ پٽ چڙهي پيا خاڪ ۾ خاقان ڪئين،
مرد مانجهي مـــل ستارا لڪ هٿا پوءِ ڪل هليا .
لڻ ڪارين ناز ڪندڙ نڪ ڪندي نازڪ ڪمر،
سونهن ۾ ساڳي ستارا لڪ هٿا پوءِ ڪل هليا.
ڪلُّ شيءٍ هالڪٌ اِلاَّ وجهه ات پــرور،
پاڪ پيغمبر پيارا لــڪ هٿا پوءِ ڪل هليا.

(٢) دم هڻڻ جاهڻ نہ هونهين ڏنهن جي هستي ڏينهن ڏيڍ،
تون مٿي آخر مٽي ۾ موج مستي ڏينهن ڏيڍ.
ليڪ منجهان ڪن لک ڪٽيا ڪن لک لٽايا،
بي خبر بيدار ٿــي، بازار بستي ڏينهن ڏيڍ .
آڄهہ اجهورن ۾ نہ احمد عرش اورانگهي اڏام،
هن تہ ٻجري ۾ پکيڙا پاءِ بستي ڏينهن ڏيڍ .

عشقيہ ۽ جذباتي شاعريءَ ۾ مولوي احمد ملاح هڪ بلند جڳهہ والاري ٿو. غزل گو شاعرن ۾ سندس مقابلي جو شاعر اڃا ڪانئين پيدا نہ ٿيو آهي سندس خيال سادا،

انداز بيان اعليٰ، فڪر رسا آسمان مان ڪلهو هڻندڙ آهي. هو تشبيه جو شهنشاهه آهي. هر شعر ۾ رنگينيءَ مٺاڻ سمايل آهي. رواني ۽ سهل پسندي سندس شعر جي جان آهي. معنوي تجنيس حرفي ته سندس هر سٽ ۾ سمايل آهي. جنهنڪري هو هڪ منفرد حيثيت جو حامل آهي. ضايع لفظي ندرت، فڪر سلاست ۽ بلاغت، ڪنايات ۽ استعارات، غرض ته غزل جي هر لوازمات کي اهڙي ته دلگداز انداز ۾ نظم ڪري ٿو جو آفرين ۽ تحسين جا لفظ اتما ڏيو نڪربو وڃن. ڪيف ۽ سرور جو هڪ دل نشين عالم رقص ڪرڻ لڳي ٿو ۽ انسان انهيءَ جي تاثرات ۾ هستيءَ جي فريب کان نڪري چند گهڙين لاءِ عالم بالا جي طرف پرواز ڪرڻ لڳي ٿو.

آخر ۾ عشقيه شاعري مان چند مثال ڏيئي مضمون کي ختم ڪريان ٿو:

(۱) منهن مڙهي ڏي ڪن سندو ڪن مهت منبر ڏانهن رخ،
برهم ڪن ڪي باغ مان ڪن بحر ڪن بر ڏانهن رخ.
ڪي ڪجن خورشيد، چنڊ لئي، ڪن خزاني ڏي خيال،
ذوق ڪن ڪي زر سندو، ڪن زيب زيور ڏانهن رخ.
ملڪ ايئن مشغول ڪل مقصود پنهنجي مان مدام،
دل سندم جو آهي دائم دوست دلبر ڏانهن رخ.
ڪالهه قاضيءَ چيو اٿو قبلي طرف ڪريو نماز،
ٿي ويو دلگير جو دلدار دلبر ڏانهن رخ.

(٢) مينهن ٺڏڙا ڏينهن تنهن جا مينهن! وس وس مينهن وس!
ڏينهن ٺڏڙا واءَ ٺڏڙا مينهن وس اڄ ڏينهن وس!
مور سانگيئڙا مندين ۾، مانگ سانگيئڙا ويام.
يار نازڪ ناز واري جي نهوڙيس نينهن وس!
مينهن جهم جهم مينهن جهم جهم، جهم ته من جهانگي ورن،
پيهه اندر ڪنهن پهر جا، پيئي لگل ۾ پيهه وس!
ڪار تنهنجي زلف ڪارا ڪيل ڪنوڻين ڪل خليل،
مينهن موتين سان وڪن تنهنجا ڦڙا تشبيهه وس!

محمد صديق ملاح "مرهم"
بدين

سنڌ جي پرنٽنگ— پريسن وارا ڌيان ڏين

هاڻي سنڌي ٽائيپ، ليڊن ۽ ٻئي سامان لاءِ اوهان کي ڪراچي پنڌ ڪرڻ جي ضرورت بلڪل ڪانهي.

اسان کي آرڊر ڏيو:

اسٽار ٽائيپ فائونڊري،
ڀائي خان جي چاڙهي،
گاڏي کاتو،
حيدرآباد.

بسم الله الرحمن الرحيم
نحمده ونصلي على رسوله الكريم

گلشن احمد

(ڀاڱو پهريون)

[۱]

گھڙيس منجھ بحر، بسم الله، مجراها و مُرساها،
تران تک تار تاريءَ ٽنهن، سندا جنهن بحر برساها.
اکيون ساڳي اڀريون سي، هينئن ۾ لوڙهه، لهريون سي،
قريبن جون ڪچهريون سي، هجن ايام، عرصاها.
خدا تن ۾ خدا من ۾، ڀڃا پيري هٿن پن ۾،
اچا قالو بليٰ ڪن ۾، اندر ساها، ٻهر ساها.
خدا جي خلق کي ڄاڻين، نه طاقت ٻي ڪي تير تائين،
خدا ثالث هجي سائين، ته تڙجن ڪين ترساها.
خدا باقي، ٻندو خاڪي، پر ڏينهن انسان اوطاقي،
ٻندو خاڪي هجي باقي، ته ونڀجن ڪين ورثاها.
وصل وس آهي ۽ واسي، عمل سان عهد جي آسي،
ٺلهي ها ها نه خود خاصي، هينئن ۾ هوت! ڪرساها.
وڃا مينهن، موت ميان کي، ٿئي خوش روح ريلن تي،
ڪيون جا ڪيل ڪيلن کي اچا "احمد"! آترساها.

[۲]

پـــلا! تون ڀلين آئـيـن، پرجهل پـلاوا،
ســدا جيـــيءَ، سچـــا شاه! سيـد سونهارا.
سيسي، ساه، سامان، جگر جيءَ، جسم جان،
ڪريان تو تان قربان، قريشي قـــراوا.
سچڻ! تـــو ساماڻي، مُلڪ عيش مـاڻـي،
ڪريان حمد هاڻي، هزارين هـزارا.
جيس آئون جانـي! مڇـيـان مهرباني،
توسين سونهن ۾ ثاني، نه سج چنڊ ستارا.
سچا شاه سائين! صلواتون سدائين،
هجن حشر تائين، توتي تاج وارا.
سندئي دين دائم، ڪيو رب قائم،
پلن شاه آيئم، اندر ڪر اوتارا.

---

[۳]

اسان ڪان پوءِ ٻه، عالم ۾ اپر آڌار پيا ايندا،
انهيءَ ميخان ۾ مخمور، مسل مختيار پيا ايندا.
ڪندا ڪي دَور دنيا ۾، ڪي رهندا دين ڪي دائم،
انهيءَ پر، سگهه سين صاحب جي، سوين سالار پيا ايندا.
وليون ڦِريو ڦِٽن پونديون، ولر چرندا ولهارن ۾،
چڙهيو گهوڙن مٿي گهوٽيا، گهڻا گلزار پيا ايندا.

اچي هُن هنڌ حشمت سين، هلائيندا حڪم حاڪم،
مٿيا ميدان ۾ موڙيو، مُنهن مهندار پيا ايندا.
اسين پڻ هيٺ هونداسون، مٿان هلندا هزارين پيا،
ڀي پڇندا نه بلڪل توءِ، پر مان پائر پيا ايندا.
ڪري ڪي ڏينهن ڪچهريون، او ٻڌيندا روح کي راحت،
ڪندا ڪي ڪون قبر ڏي پوءِ، قسم گلزار پيا ايندا.
ميري مسند ڇڏيندا هڪ، جمي جاموٽ ٿيندا پيا،
ڪي چڙهندا تخت، ڪي تختي مٿي تڪرار پيا ايندا.
هميشه هڪ خدا ري، ڪو حياتي ڪونه هوندو هت،
ڪندا ويران ۾ وو وو! وڏا وينجهار پيا ايندا.
ٿيان پوءِ موت مرڻي کي، ڪندو ماري مٿيءَ پيڙو،
ڇڏيو ڪٽ خاڪ ۾ خاقان، خيميدار پيا ايندا.
ڪندا ويچار ويچارا، گهٽائي ورهيه واريءَ ۾،
قبر مان پوءِ قيامت ڏانهن، ڪلنگيدار پيا ايندا.
ڪني صورت صفا ڪاري، ڪي هوندا صاف منهن عالم،
ڪي ڏُک سان ۽ ڪي ڏِک سان، طرف ڏيه ڏاتار پيا ايندا.
اٿو وٺ ان نصيحت مان، اٿئي آخر فنا عالم،
طرف حق پاڪ، هڪ هڪ ٿيو، همه هيڪار پيا ايندا.
نه ”احمد“ مٿئي ڪٿئي عالم، اتاهين اڀرندو رهندو،
نڪٽ پٺيان نڪٽ اڻ ڪٽ، نظر نروار پيا ايندا.

---

[۴]

هت اڳيئي حڪم وارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا،
دٻدٻه سان شاهه دارا، لک هوا پوءِ ڪل هليا.

هن دنيا جي دور ۾، دانا، وڏا داور دلير،
شه سڪندر سوڀ وارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

جمجم، جمشيد سلطان، جن پڻي هو جڳ جهان،
سات ۾ ٻيلي ۽ پارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

ڪي پڌا تو ڪينڪي ڪسرا ۽ قيصر جا ڪٽڪ،
جن سدا نعرا، نغارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

ڪٽ چڙهي ۽ چٽ، پيا خاڪ ۾ خاقان ڪئين،
مرد مانجهي مل متارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

لک لکو تر فوج، لشڪر، سنجهه لڙائي ڏي لڙيا،
تن سدا ملڪن ڏي مارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

گل چمن، گلزار، گاديون، گهوٽ گهوڙن جا سوار،
مسنديون ماڙيون منارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

ڪو مَ باقي، پاڻ ياڻئي، ناهي بندا! دم بقا،
صاف دل سالڪ سچارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

ڪلُّ شيءٍ هالڪٌ، اِلّا وَجههٗ ات پرور،
پاڪ پيغمبر پيارا، لک هوا، پوءِ ڪل هليا.

---

[٥]

واھ جوڀن! جس جواني!، ڏينھن سي آيا ويا،
واھ زينت زندگاني! ڏينھن سي آيا ويا.
واھ جي وس! واھ جهڙا واس! وھ وھ واسرا!
جاءِ بجاءِ قل جوءِ فلاني! ڏينھن سي آيا ويا.
تڙ ڳرائي تي، تلاءِ تي، تيل ڦٽيون ۽ ڦليل،
سينڌ سنئين، سرمي جي ڪاني، ڏينھن سي آيا ويا.
منھن ڪيو ھليس، ڏنو مھٽو، نه من مھٽي ڪھين،
ھر مھل نئين مھرباني، ڏينھن سي آيا ويا.
حور مٽ، ھردم حويلي ۾، حوالي ۾ ھيون،
پره تاري جيئن پيشاني، ڏينھن سي آيا ويا.
ھڪ ھٿيڪو ھٿ رتل، ٻئو ھٿ ۾ ھٿ، ٽيون ھٿ چراند،
شعر ۽ شيرين زباني، ڏينھن سي آيا ويا.
شغل شاديون، شان شوڪت، روز شب شوق شڪار،
۽ ياد ڳالھيون يار جاني، ڏينھن سي آيا ويا.
ڪالھ قبرن وٽ چيم، اڄ قرب ڪندو ڪو قريب،
چي، اٿئي ڏي دل ديواني، ڏينھن سي آيا ويا.
قبر کي ڪلنگي ڏٺم، سمجھيم ته ڪلنگيدار ڪو،
ڏينھن ڏھ ھو، ڏيھ ڏاني، ڏينھن سي آيا ويا.
مال مستيون، مسخريون، ميلا، مٽلھون ۽ معرڪا،
دمبدم، دم پھلواني، ڏينھن سي آيا ويا.
مجلسون مخفي ھيون، مخمور اڪ ميخوان ۾،
نيڻ نرگس جي نشاني، ڏينھن سي آيا ويا.

شوخ جاني، شيخ، فاني ڪم نظر، دم در گذر،
آهي آخر عيش فاني، ڏينهن سي آيا ويا.
مُلڪ مالڪ هيڪڙي جو، بئا نہ مالڪ منجهہ مقام،
عمر خود "احمد" امانـي، ڏينهن سي آيا ويا.

[٦]

هوشيار ٿي هنيان تون، چاڪاڻ ڇيرڪ جهٽ پٽ،
ڪِر ڪرڻ تہ تون ٽائين، توڙي نہ تِرڪ جهٽ پٽ.
نيباهہ ٿئي نہ ناڏو، سر مال مفت ماڏو،
هاڻي ٿئي هڻ هاڻو، سِر ۾ بہ سِرڪ جهٽ پٽ.
خاڪي بندو نہ باقي، مرندي چٺا ملاقي،
آذري بہ الفاني، ڪا جهار، جهرڪ جهٽ پٽ.
تڙ تڙ طبل تباهي، ڪو ڏينهن بہ شهر شاهي،
جهمپير جهنگ شاهي، جنهاڻ، جهرڪ جهٽ پٽ.
سُهيا سکهڙ سچاٽا، چاٽو وڏا بہ چاٽا،
پر ويئي پسہ پچاٽا، پولي نہ پِرڪ جهٽ پٽ.
جاني! بہ ڏينهن جلسو، جيڏو بہ زور، جهل سو،
ايندي ءَ جُهلي آجل سو، هي ڳنڍ ڳِرڪ جهٽ پٽ.
هي سچ سچڻ! لهڻ ۾، چا رانديون رهڻ ۾،
پونديون جلهن پهڻ ۾، ڳم ڪيل ڪِرڪ جهٽ پٽ.
سر تي سنجهي، صبح سڌ، ڏاران ڏٺي، نہ ڏُو ڪلڌ،
"احمد" اسر نيو، ڇڏ آرام، اُرڪ جهٽ پٽ.

[٧]

ڪٽ دو فصلي دوستا دائم، ڪٽ ڪتيءَ ۾ پيٽ ڇٽ،
ڪاٽ ڪاڻائن نہ ڪم، تون ڪوٽ ڪاڻي ڪيٽ ڪٽ.
ڇال پنهنجي رک ڇگي، ڇلنديون نہ ڇالاڪيون پيون،
نيٽ ڪهڙن نانءُ ڪي، تہ ڇڏائن نيٽ نٽ.
خوب صورتا خلق ۾، تون خوب سيرت، خُلق رک،
تون لکن جو لعل آهين، پوءِ لڏ ۾ ليٽ لٽ.
اڄ عطر لائين لڳن کي، مشڪ لوئين، ميٽ ماڳ،
پر مرڻ کان پوءِ مٽي ۾، مُشڪ مٽيون ميٽ مٽ.
ري مروت ۾ صفا، مروو صفا ٻوڙي تہ ڇا؟
پاڪ پاڪي ري نہ ڪنهن، پاڪيٽ جا پاڪيٽ ڪٽ.
اپ زمين تو وٽ امانت، ڇڏ خيانت جا خيال،
ڀاٽ پٽ تي مٽ نہ پٽ، پاٺين نہ پنهنجو پيٽ پٽ.
ڪالهہ ڇيو قالوبلي مون، تا قيامت قول هڪ،
ڦيٽ مَ دل، نہ ڦٽ اسان ڪان، جي اٿئي پيو ڦيٽ ڦٽ.
عيب "احمد" ۾ اجايا، پر احد ۾ آسرو،
بادشاهي بارگاه، پيٽ گهرين ٿو پيٽ ڀٽ.

---

[٨]

مليا معشوق ۽ عاشق، عجب آهي ادا! ثالث،
لهي وچ چنڊ چوڏهين جا، نه گهرجي سچ مدا ثالث.
سچڻ آيو، نه سچ گهرجي، ٿئي وسندي نه وچ گهرجي،
نه هئو اڳي، سو نه اڄ گهرجي فنا فاني فدا ثالث.
ملڻ جو شوق شاڪر کي، زيارت بخش ذاڪر کي،
نه ڪريون، ني نياڪر کي، مدد ۾ من مدعا ثالث.
اسين گڏ جاڻ گل، بلبل، سبق قالوابلي قُل قُل،
هلي هُو هُو سندو هُل هُل، ٿئي جلدي جدا ثالث.
اسين، جاني پٺي جوڙو، گلن تان بند ٿيو گهوڙهو،
پُڏي چو ڪين تو پوڙو، سندي نڪرڻ ندا ثالث.
چون ٿا ذڪر ۾ زاهد، حجر ٿوڙي شجر شاهد،
ته خلقي ٿو خدا واحد، نه ثاني، يا مدا ثالث.
پلو موسي، ۽ پلو عيسي، چڱي جا ڳالهه چئبي سا،
ٿلها ڪُل خلق جا ڪيسا، ته ڪيئن هادي هدا ثالث.
احد ري، ڪن نه "احمد" دم، غني شامل ته ڪهڙو غم،
ڪري الله اول ڪم، خطا ڪوئڻ خدا ثالث.

[۹]

سڄي سنسار جو جبار وارث،
ملڪ ۽ ملڪ جو مختيار وارث.
اِين پونين، الهندي، اپرندي جو،
سدا سائين سنڀاليدار وارث.
وڇي سڄ ۾ ستا سنجر، سڪندر،
قلعي ۽ ڪوٽ جو ڪلتار وارث.
سڄو قارون ڪاريو ڪارخانو،
خزاني ڪل جو خلقڻهار وارث.
ڪينم واڪا ويهي ويجهو وڃي ڪي،
نه ٽالي ڪاڻ ٿيو نروار وارث.
وڙهيا ورٿن مٿان سي پاڻ ويڙا،
ڏسان ڪل ڏيه جو ڏاتار وارث.
ٽليا جي صبح دم، صحن چمن ۾،
گهمي آن مان نه منجهه گلزار وارث.
ڳهٺا ٿي گهوٽ ويا گهوڙا! گذاري،
وني ۽ جو واحدالقهار وارث.
پڳا پيرا پٽارن، پاتين ٿان،
ڇڏيون پونين جو پالڻهار وارث.
ويا وڃڙي، وٺا ڪئين والدن کان،
يتيمن جو نه اڄ، ڪو يار! وارث.

قيامت ۾ ڪڙا ٿيندا قبيلا،
رهي وارث ڪنان بيزار وارث.
نه ڪر ڏاڍا، ڏنگائي ڏيڍ ڏينهن تي،
نه لهندي ڪو سپاٽي سار وارث.
وڃي ڪانڌي ڪندي قابو قبر ۾،
نه رهندو گڏ ڏٺي ڪان ڌار وارث.
سڌر جو آهه سيڪو ۽ آڌر جو،
نڪو غمخوار ۽ غمخوار وارث.
بنا واحد وساريم سڀ وسيلا،
احد "احمد" جو اوکي وار وارث.

---

[۱۰]

دار دنيا جي ڪان ٿيندو، ڌار ڪو اڄ، ڪو صباح،
لوڙهه ۾ لاشڪ رهي، لاچار ڪو اڄ، ڪو صباح.
سيج اندر ٿيندي سُڪونت، جت پوءِ سيڪبو لئي سلام،
ون ۾ رئندو رات ڏينهن، رت زار ڪو اڄ، ڪو صباح.
اجل ٿو اوتون ڪري، اوڏي ٿئي آوت سنڌياس،
دل مٺان ويندو لهي دلدار ڪو اڄ، ڪو صباح.
هن پساري ڪان پڇاڻا، ڪونه پڇندو ڪو پهي،
دل مٺان ويندو لهي، دلدار ڪو اڄ، ڪو صباح.

هٽ ڪان، سيدين ساق ساقي، پي سدا سگهندو نه صاف،
آتندو منجهه آج جي، آزار ڪو اڄ، ڪو صباح.
ناهه بلڪل دم بقا جو، پروسو هن باغ ڳي،
گل ڇٽي ڳونماڻجي، گلزار ڪو اڄ، ڪو صباح.
ڪيترو حيلن سان هلندي، هي حياتي بي بقا،
سيج ۾ هوندو پيو ڇڏيو سُڏسار ڪو اڄ، ڪو صباح.
هر هميشه لاءِ حاصل ڪنهن ٽڏبون ڇايون نه ٿين،
تن تي سهندو ڳاوڙيون، تڪرار ڪو اڄ، ڪو صباح.
هي هتي جون هِت ڇڏ، هرڪو مڃي هلندو حڪم،
تخت تان تختي ڳي ايندو يار! ڪو اڄ، ڪو صباح.
ماءِ وڏ نيئون سان ماڻهو، ڳنهن متلا ميڙين مال،
اِن خيالن کان ٿيندو، خوار ڪو اڄ، ڪو صباح.
مغز ميچالو، مٿو، مڙهه، ماهه ڪپندو منجهه مقام،
پور ٿيندو هيٺ پون جي، بار ڪو اڄ، ڪو صباح.
آهي "احمد" ان طرح، احوال عالم جو بنيل،
ڪو اڳي ڪو پوءِ، آخرڪار ڪو اڄ، ڪو صباح.

---

[۱۱]

منهن مڙهي ڏي ڪن سندو، ڪن مهت سنبر ڏانهن رخ،
برهه ڪن ڪي باغ سان ڪن بحر، ڪن بر ڏانهن رخ.

ڪي تيجن خورشيد، نبل لئي، ڪر ڌرتي تي ديال،
ذوق ڪن ڪي زر سندو، ڪن زيب زيور ڏانهن رخ.
ڪن جي من ويٺيون مڙايون، ڪن منو ڪيو ملڪ مال،
ڪن هوس پاڻي حياتي، حوض ڪوثر ڏانهن رخ.
ملڪ ايئن مشغول ڪل، مقصود پنهنجي سان مدام،
دل سندم جو آهه دائم، دوست دلبر ڏانهن رخ.
منهن ڏسي محبوب جو، دل موڪلايو مون ڪيان،
منهنجي من آهي، مگر ڪيو، موت، محشر ڏانهن رخ.
ڪالهه قاضي ڇمو آئـو، قبلي، طرف ڪريو نماز،
ٿـي ويـو دلگير جـو، دلدار، دلبر ڏانهن رخ.
عمر "احمد" ڇئي سڪان ٿو، منهن اوهان جي ڪي عجيب!
ڪر محب! اڄ مهر سان، مرڪي مسافر ڏانهن رخ.

---

[۱۳]

سانجهي، صبح سدائين صلواة بر محمد،
صد بار، بارڪ الله برڪات بر محمد.
هر بار هل هـُلن ۾، صد بار بلبلن ۾،
گلزار گل ڦلن ۾، صلواة بر محمد.
گهوريان هزار گوهر، دل جان نثار جوهر،
جيئن مينهن ملهار موهر، صلواة بر محمد.

ڪل محفلون مقرر، ڪل مجلسون منوَّر،
دربــار دوسـ دلبر، صلـوات بـر محمد.
حاضر حضور دل ۾، پرپـور نـور دل ۾،
سـاري سرور دل ۾، صلواة بـر محمد.
توحيد جون ڏ ائون، لت لات کي لڳائون،
بت بت ڪري پڳائون، صلـواة بـر محمد.
بت بت ٿلها بهانا، عيسيٰ، عـزيـر پانها،
قـادر جا ڪارخانا، صلـواة بـر محمد.
سجدا ڏجن نہ سج کي، وڻ، پهڻ، باهہ نہ وڄ کي،
اي لوڪا ڇڏ نہ لڄ کي، صلواة بر محمد.
قـرآن ڪلام صاحب، آيت عـلام صاحب،
آيـا سلام صاحب، صلـواة بـر محمد.
"احمد" چوي الاهـي، صاحب لهي سياهي،
سارهـو پڙهـي سپاهي، صلواة بـر محمد.

---

[١٣]

يـا محمد مصطفيٰ مٺ، پنهنجو آهي مير خود،
ويل اهڪي جي ورين، واڪن تي منهنجيويرا خود.
حُب هنيين آنڌي هميشه هت لڪئي واهس حبيب،
قيد قسمت جـو قوي، جـڙيس جُسي زنجير خود.
سينڌ سيڪنديون چا لڳي، ساجن سفر ڏاري رهن،
تن جي طالع الٿن هٿي، تحقيق ڪا تقدير خود.

سور سنڌيون ڏيئي سدا، سيني وٽان ساھون چڙھيام،
تانگھہ تنھنجي ڪان لڳم، تن ۾ تراريون، تير خود.
من مرادون اي ھيم، تان مان! مھراڻان لنگھيان،
دوست! دريا ۾ پيئي، دلڙي ٿيم دلگير خود.
وير! ويڙون سر تي وريم، وات واڳن ٿو وڃان،
تار ۾ ڪانھي ڪرڻ جي، ڪو بنا تدبير خود.
جي ڪري پانيم ڪسيون، سي ٿيم ڪاروڻيار ڪن،
ساھ ۾ سيروڻ پيم، ثابت لنگھائي سير خود.
وات سوڙي ۾ ستي، سونھا! ڏنم ماڻيءَ وصال،
مان! سپرين! ٿئي سچو، تنھن خواب جو تعبير خود.

---

[١۴]

ڪڏان ڪنھن قضائي، ڪنڌيءَ پاسي ڪنڊ،
تہ دربان در تي، ڀڳن دوست! ڏنڊ.
نہ ترڙ تي ڇڏينم، نہ اڙي طرف،
انھن آفتن کي، ڀڃين پاڻ ڀنڊ.
پريشان ڪيو ڪن، پري شان جن،
ڪم وار ڪاريون اکيون، ڪونج ڪنڊ.
نہ حاڪم! ھٿڪو ڀڻو ھٽ حڪيم،
ھٽي ويس، سو ھاٽي ھنيون، تنھن نہ ھنڊ.
نہ پھتس پرين وٽ، ڪہ پرواھ ناھيم،
ڀسہ وچ ڀڻم، تبہ ڀيو صاب ڀنڊ.

پلئہ مان پلئہ وات و يندي لگوم،
"اکيون کول" آکيون اٿئي کھڙو اند؟
عرض جو غرض آهي، "احمد" عليل،
سڄڻ! ڏي سڏي ڪا، مڃي نا هم سند.

[١٥]

دم هئڻ جا هڻ نہ هونهين، تنهنجي هستي ڏينهن ڏيڏ،
تون مٽي، آخر مٽي ۾، موج، مستي ڏينهن ڏيڏ.
آهي حاڪم هڪڙو، جنهن جو حڪم هر جا هلي،
دوست تنهنجي دست ۾، دستور دستي ڏينهن ڏيڏ.
خاڪ ۾ خاقان پيارا، خان سي بي خان مان،
بر بحر جون بادشاهيون، باغ، بستي ڏينهن ڏيڏ.
ماسوا الله ماس، چم، مدت مهينو ماس مس،
واسوا وٽ، ماسوا جو، واس وستي ڏينهن ڏيڏ.
بي قدر کي ڇا قدر، جنهن وٽ ڪنون تهڙو ڪنيار،
خلق جو خالق سدا، پر خلق خستي ڏينهن ڏيڏ.
ڪالهہ ڇيو قالوابلي تو، اڄ قبن ۾ ڪم وجهين،
تو نہ رکيو روح ۾، عهدو الستي ڏينهن ڏيڏ.
بت بنايا پاڻ تو، توکي بنايو ڪيئن بتن،
پيچ بتن کان، پيچ بتن کي، بت پرستي ڏينهن ڏيڏ.
دوست! اڌ دولت جو لت دوست سموري دولتون،
تنگ، تنگيءَ کان نہ ٿي تون، تنگ دستي ڏينهن ڏيڏ.

رات پنهان ڏينهن روشن، ڏينهن روشن بعد رات،
دل شڪستي ڪر نه دلبرا دل شڪستي ڏينهن ڏيئي.
لِڪ منجهان ڪن لڪ ڪنيا، ڪن لڪ لٽايا لِڪ مٿي،
بي خبر! بيدار ٿي، بازار بستي ڏينهن ڏيئي.
آجهه اجورن ۾ نه "احمد!" عرش اورانگي آڏام،
هن ته پيري ۾ پڪيڙا! پاءِ بستي ڏينهن ڏيئي.

---

[١٦]

ڪنهن گنگهر، گوندر چڪايم گهاءَ گهوڙا! سؤ هزار،
ماهه ڪي صاحب پرين! پيار سور سوڙها سؤ هزار.
سور نئي سُڌ ساري، پيم سيرون منجهه سرير،
سير گلن گاڙهيان ڪندي گڻ ياد، گوڙها سؤ هزار.
هڪ نه پيرو مون ٻڌي، گهريم ٻڌين لئي بخش پال،
ڏوهه تنهنجا مون مٿي، تحقيق ڏوڙا سؤ هزار.
رڙ وڃن ۾ رات ٿي، سڌندي سرون پيا ماري،
ٿا پرن پر پر! انهيءَ ڪان، ٻُگهه ڀوڙا سؤ هزار.
خوف واراڻ خاڪ ۾ پيا، ڪيل گهٽي ٿي خلق ۾،
پر قيامت ۾ ڪٽيندا، قسم! ڪوڙا سو هزار.
عمر تي اڌ ڏينهن جي، احمد! اٿي پوريون اڪيون،
ڏس ته ٽيا پون ۾ ٻُڪا، اڳ گهوٽ، گهوڙا! سؤ هزار.

---

[١٧]

سيڻهن ٽڌڙا ڏينهن تنهنجا، سيڻهن! وس وس سيڻهن وس،
ڏينهن ٽڌڙا، واهه ٽڌڙا، سيڻهن! وس، اڄ ڏينهن وس،
سوو سانگيئڙا سنڌين ۾، سانگ سانگيئڙا ويسام،
يار نازڪ ناز واري جسي، ٿهوڙيس، ٿينهن وس،
ڏات ڏاري تنهنجي ڏاڙن، تنهنجي طوطن ۾ ٽنوار،
سيڻهن! تنهنجي سُڻهن پسڻ لئي، ٽا سڪن اڄ شيڻهن وس،
هار جڻن، هاريان هنجون، ڪنهن هنجهه ڳچي لئي هنج ۾،
دوست، دلبر کي ڏٺي، اڄ ڏينهن ٿيا. اوٺيهه، وس،
سيڻهن! جيهم جيهم، سيڻهن! جهم جيهم، جيهم تہ من جهانگي وون،
پيهه اندو، ڪنهن پهر جا، پيڻي لنگن ۾ پيهه وس،
ڪار تنهنجي زلف ڪارا! ڪيل ڪوٽين، ڪيل خليل،
سيڻهن! موتين سان رڪن، تنهنجا ڦڙا تشبيهه، وس،
آهي "احمد" چئي، ابرا توتي احمد جو اختيار،
ڦويه توبهہ! آئون چا، توکي ڪريان تنبيهه، وس،

[١٨]

عشق جو آهنجاڻ آهي، آهہ! بس، باقي هوس،
بي دلن جي بت تي پڙڪي، باهہ بس، باقي هوس،
هيٺ ڪالي، ڪنڌ رکي، ڦرهئون ڪُسي قربان ٿين،
ڏين صدقو صدق سان، سر ساهہ بس، باقي هوس،
ڏينهن ڳڏاوڻ گوندرن ۾، رت رواڻن راتيون سجهون،
هون. هولن ۾ هنيل، هر گاهہ بس، باقي هوس،

ڪن ڪشالو ڪيچ ڏي، ڪن ڪعبة الله ڏانهن قصد،
قرب وارن جي، قلب ڏي، ڪاهه بس، باقي هوس.
عزم اي آهه تہ جي، اوڏا ڪڏهن ٿينم عجيب،
هوند گهوريان هڏ، هنيون، چم ماه بس، باقي هوس.
در مٿي محبوب جو، موران نہ بي محتاج ٿيِن،
دردوندن لئي سندبس، درگاهه بس، باقي هوس.
پاڻ خالي ڪر خوديءَ کان، تان تہ ملنئي خود خدا،
سمجهہ راسخ، اِي رباني، راهه بس، باقي هوس.
جو هوئين هلڪا ٿيو، حاڪم سڏائين هي پيا،
مُلڪ جو مالڪ خدا، هڪ آهه بس، باقي هوس.
عشق مان ”احمد“ ڪيو اِچ، شعر وحدت جو شروع،
قول آخر، اِي هُوس، الله بس، باقي هوس.

---

[١٩]

مسي ۾ ساهه جان آهه، تہ سانيڙا سنڀاريندس،
اجل جي آت ٿيم، ارواح تہ بہ اوڏانهن اڏاريندس.
جڪڙيس زنجير سين ظالم، رهيم وائي، نہ واڪا وس،
حشر لائي حويلين ۾، اسر تائين آوساريندس.
ڪرايم قيد ۾ قابو ارادي آب داڻي جي،
لکي جا ڏينهن لاچاري، گهڻا، ٿورا گذاريندس.
سچي بت ۾ سندم سورن، پڌا سانگين جي سانگيڙا،
وساريان ڪين ڪي وسرن، وسارڻ کي وساريندس.

هميشه حال پاڻ ساڻ، پانهنجو هوندين پيڙي،
نه ڇاتم ڇام! تان وڃڙي، گنگهر جا ڏينهن گهاريندس.
وراڪي آن جي وارن سان ڪريان ها ساهه ڪي سوگهو،
پُجهان ها جي، ته پئي پنڌ ۾ هنجون پر ڏيه هاريندس.
لقب آهم لوياري جو، پيهر تيندس نه پانهياري،
ڇوايان پڻ نه ڇوڙيلي نه ٿوٿي سر سنواريندس.
اسان جو مترڪ مسڪيني نه آهيون مال جا مالڪ،
نڪو ريجهي نڪن تي ڪين ڏوٿين کي ڏياريندس.
ته شيرا شان ۾ شامل ڪريان پنهنجو نه پسين سان،
نه ميوا سڪ مقابل تنهنجي، باغن جا بيهاريندس.
پسند پانور جا پيرون مون کجان کاهڙ جي کيرن لاءِ،
سگر سيڪيل سگهڙين جا عمر ساري، ٿي ساريندس.
وطن ڏي گوڙ ڪيو گجگاهه، تيا گلزار، گولون گل،
خدا ساکي ته پي پاکي، پنوهارن ساڻ پاريندس.
اٿاين ۾ اٿائو ٿئي، نه مون ڪان، مال مارن جو،
وڃي ولڙيون ولهارن جون، چنن چيلهين کي چاريندس.
عمر! پنهنجي، اسين ڏيه ۾ هلون سچ، چنوجي ساهي تي،
ڏيو ڏاتار جو سنهن! ڪونه اڳ پارينم نه پاريندس.
ڪڏهن اوني اباڻن ڪان، ادا ايندو، نه ايندو ڪو،
مگر منهن ملڪ ڏي ڪريو، نڪٽ اٿي سڀين نهاريندس.
عمر آهيم ته ٿي آجي، عمر جي قيد ڪان احمد،
وڃئين ڏاري، ولر واري ولو ڏيئي گهوٽ واريندس.

---

[٢٠]

ڏٺر وارو ويا وڃائي، وقت آخر ٿو ڏسان،
ظالمن جو وڌو زمين تي، ظلم ظاهر ٿو ڏسان.
خانداڻان، خاص ٻانهان، چوڏهين سن ڇٽ ڪيا،
درد دولتمند گهٽان، ڪمذات ڪمتر ٿو ڏسان.
علم عربي کان وڌو، اڄ عيب آهي عام کي،
انگريزي ۾ انگن ۾، ملڪ ماهر ٿو ڏسان.
علم سان الفت نه ڪنهن جي، لئي هنر هر ڪيا هزار،
علم وارن جو اپر، احوال ابتر ٿو ڏسان.
آڻ آيت تي اڪابر! مجرمها اعتبار،
معتبر ماڻهن اڳيان، احمق اڪابر ٿو ڏسان.
پئي دغابازي دنيا ۾، ڪو دعاگو آهه دوست،
هر قسم جا حرڪتي، هرجاء حاضر ٿو ڏسان.
ڪوڙيل ڏاڙهي سين ڪوڙين، ڪتريل پڻ ڪيترا،
ملڪ ساري ۾ مڇن، مردود منڪر ٿو ڏسان.
غير ناهي غافلن کي، گهر ڪوٺي کارين پيا،
بي گتا، بي غيرتا، بي دين، بدتر ٿو ڏسان.
نامحرم منهن ڏسڻ کان، مڙس ڪن محروم ڪين،
عورتن سان عام ايندا، اوليا سر ٿو ڏسان.
ڪم ڇني، جي تان ڪمن تا ڪئو ڙلي، ڪوڙين هٽن،
سر وڃائي سچ پڻيان، سو ڪوئي صابر ٿو ڏسان.
دين کان دائم وڌوڙيل، بي امازي بيشمار،

ادب ڌاران آدمي، جاهل جناور ٿو ڏسان.
ڪو سبق ماڃاءِ جو، سمجهي نه لايو ساڻ دل،
پڙهو نه مستي ۾ ميان ! مهندانءِ محشر ٿو ڏسان.
عاجزيون "احمد" چوي، آئون ڪيئن ڪريان ٻي در ڪريم!
جنهن ڪري ڪل شي مٿي، هڪ تو کي، قادر ٿو ڏسان.

[٢١]

جيءَ جاڳ، وريو ڀاڳ، تنهنجو ماڳ، مولي ٻار آهه،
ڇڏ خاڪ، چڙهه افلاڪ تي، براق برقي تاو آهه.
هن واو جو، سڏ پار جو، سرڪار جو، ڏاتار جو،
اڄ يار جو، دلدار جو، دادار جو، ديدار آهه.
تنهنجي طلب ڪئي پاڪ رب، ٿئڙو سبب، هل هيٺ شب،
ڪر سير اَپ، وڪ تون ادب، اُتي عجب دربار آهه.
گل ڦل گسن، لالون لسن، واديون وسن، عرشن رسن،
درسن پسن، جدالحسن! تو لاءِ جشن تيار آهه.
آرام سين، اڪرام سين، هڪ وام سين، تڪ شام سين،
ڏڙ ڏام سين، گڏ چام سين، جو نام سين نروار آهه.
حوروں پريون، حيرت ڀريون، درسن دريون، ڪليون ڪريون،
اڪڙيون نريون، ٻجليون ٻريون، جلوه گريون جنسار آهه.
ٻهتا ٻلڪ، طوبيٰ تلڪ، کهميا فلڪ، ملڪ و ملڪ،
بر بحر، لڪ جلوا، جهلڪ، چوڏس ٻلڪ چمڪار آهه.
نورالهديٰ، مل مقتديٰ، مليو خدا، ٿي من مدعا،
احمد، گدا تن تان فدا، صدقو سدا، صد بار آهه.

[V]

چا مال مان مطلب، مالڪ مدام گهرجي.
سارا هه رب سچي جي هر صبح شام گهرجي.
صاحب کي صفت، ماراهه، سردار تي صلواتون،
ان کان عجيب عمدو، کهڙو ڪلام، گهرجي.
ناهي مدح محمد جي جو، مٺو مدمي،
تعريف روز تنهنجي، تازي تمام، گهرجي.
حضرت حبيب بنيو، هر دو جهان جو حاڪم،
اڪبر وزير اڳيان، عربي اسام گهرجي.
پيرا رهيا ٿي ان پل، باطل ۽ بات حق جي،
في الحال تنهن فرق لئي، فاروق چام گهرجي.
جنهن وقت، ڏانهن جنت، جاني جناب هلندو،
ان سان رفيق عثمان، عارف علام گهرجي.
ڪافر ڪريو ڪنڪ، اج ڪاڏين پيا قلعي تي،
هشيار سوڌو هڪدم، حيدر همام گهرجي.
جنڪي سپيئي سرنهارا، سردار جا صحابي،
انهي ساڻ پيا الاهي، انعام عام گهرجي.
اسراء پيا اگهه مون، چاعيب، جي نه ايندا،
شاهه شفيع هڪ جي، صحبت سلام گهرجي.
پي ملڪ ۾ نه منهنجو مدفون مڙهه ڪرائج،
مولا شهر مديني، مون کي مقام گهرجي.
آگا! ملڪ عرب کان "احمد" کي ڇڏ نه اوري،
گوهرجي نت گهٽين ۾، گولو غلام گهرجي.

[۲۳]

ڪري ترهو توڪل ٿي، ترجيئن ڪيئن ترڻ گهرجي،
پريان سان پٽ لنگهي پاتار، پر جيئن ڪيئن پرڻ گهرجي.
انڌاري رات اونهان ڪن پيا وک وک منجهي واگهو،
سونهو ٿي سير ۾ وک يارا پر، جيئن ڪيئن پرڻ گهرجي.
هميشه ڪين هوندا هي، وسون ۾ وي ولهارن ۾،
متيا موڙي گلن جا ذار چر جيئن ڪيئن چرڻ گهرجي.
قفل پيچ ڪوٽ پيچ، پيچ قيد ڪوڙا قاصدا ڏا پيا،
وري ماروئڙا ويڙهيچن پار، ور جيئن ڪيئن ورڻ گهرجي.
ڪنل ڪوناڻين تو پوءِ، هٿين پيو ڪنڌ ڪجاڙي ڪان،
نه موهين اِي مرڻ جا پار، مر جيئن ڪيئن مرڻ گهرجي.
قريبن ڪوئلا گهرجن ڏگين تون. دوک. ٽوڏي ۾،
اٿي اخگر نيٺ ۾ وار، پر جيئن ڪيئن پرڻ گهرجي.
ٿليون پيٽون نه پيٽا وقت، ڀنڌيون ٻي حضور جن جون،
مٿو منجهه دوست جي درٻار، ڏر جيئن ڪيئن ڏرڻ گهرجي.
پلر هين پٽ ۾ آهي ايترو، پي سب اگيان سچ رچ،
دلا، مٽ ڪنهن منجها دلدارا پر، جيئن ڪيئن پرڻ گهرجي.
سجڻ ڪي سچ سڏين، يا چنب، اي سب اڻ ڏني جا ڪم،
مٺي دلدار جو ديدار، ڪر جيئن ڪيئن ڪرڻ گهرجي.
ٿلي آستغفرالله ۾، عفو جي آس جا "احمد"!
ڏسي ڏوهن ڪي، پر ڏاتار، ڏر جيئن ڪيئن ڏرڻ گهرجي.

ٻاڱو ڀيو

[١]

”هر مهل جيڪي مڱو“

رب، غني، غفار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو،
ذات، ڏيهه ڏاتار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
دولتون ۽ دان دف وارن تي، ناهن ڪ دفعي،
بلڪ بارو بار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ڇا سخي ساراهيان؟، صورت سخا جي ڇا چوان؟
سڏ ڪريو ستار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
سئو صغيرا، سئو ڪبيرا، سر ڪٽيو جي سڏ ڪريونس،
ڪرم سان ڪلتار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
عقل، عبرت، عاقبت ۽ عفو، عزت، عافيت،
آو اڙين آڌار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
دولتون، دانائيون، دنيا، دوائون، دان دين،
در مٿان دادار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
فهم، فهمايش، فضيلت، فيض، فضل ۽ ذڪر فڪر،
علم ۽ اذڪار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
مهر، مددون ۽ معافيون، ماڳ ماڙيون، ملڪ مال،
نعمتون تروار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.

خيريت، خيرات، خوش طبعي، خوشي، خوشبوءِ خير،
هر عطائون، امن ۽ آذار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
زور زر، زينت، زمينون، زال، زر، زيور ۽ زريون،
شان شاهوڪار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
پٽ، پٽوريون، ڪير پٽ، پوڪون، پليون، پاٽي پلر،
پاڻ پالڻهار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
پاو، پارا، ٻج ٻنيون، سڏ ٻڌ، ٻڌڻ، پاڄهون پيون،
گل چمن، گلزار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ماڻڪن جا ميڻهن وسائي، سر مڱڻهارن مدام،
ڏيه جو ڏاتار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٻنڙياتن ڏسي پدم، پالوڻيون پلپل پسو،
بخششيون بسيار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
لک پلايون پال، بدڪارن مٿي بوندون ڪري،
عفو آخر ڪار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
رحمتن جا گوڙ، گجگاهون، گنهه گارن مٿي،
ياد ڪريو يار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
نيڪ بختن، خواه بدبختن ڏسي ٻه، بخشش بي گمان،
داتهن سين دلدار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
جي جهليون جهولي ته، جهٽ پٽ جوهرن سان پر ڪريس،
ڏس جڏهن جبار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
هن ڇيو چوندي ڪري، تنهن جو ڇيو بر چشم ڇڏو،
طرف ڪان تڪرار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
حڪم ڪان ٻاهر هلي، اهڙي حياتي ڪي ٻه حيف،
هو جڏهن هر ٻار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.

امر کان ابتر وڃڻ، افسوس جهڙي آهه ڳالهه،
ڪل جڏهن ڦهار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ان جي مرضي کان مخالف، وک به مڙئي موت مرض،
ملڪ جو مختيار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ان جي در تان دم ڪسڻ، دوزخ چوان ٿو دائمي،
منگهريو منٺار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٿا مڃون مالڪ مٺي، ماڻهو مٽيءَ مان جنهن ڪيو،
جسم کي جنسار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٿا مڃون خالق خدا کي، خاڪ جنهن خاقان ڪيو،
هار سونهن سينگار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٿا مڃون حق جا حڪم، جنهن هٿ حياتي موت پڻ،
دين ۽ ديدار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٿا مڃون صاحب سچو، جنهن جي سدائين صاحبي،
علم ۽ اسرار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.
ٿا مڃون آهو هڪ احد، الله، "احمد" چئي اسين،
منجهه اندر انوار ڏي ٿو، هر مهل جيڪي مڱو.

---

[۲]

"صاحب سڌر کي سڌ ڪجا"

سالڪو ! ساري سدا، صاحب سڌر کي سڌ ڪجا،
ملڪ جي مالڪ مقدس، مقتدر کي سڌ ڪجا.
عمر ساري، آه زاري، انتظاري سان ادا!
عجز سان الله احد، اعليٰ اٻر کي سڌ ڪجا.

آبرو آخر گھرو، ٿان آب آٿي منجھه اکين،
روز بندا! بادشاه بحر بر کي سڏ ڪجا.
مشڪلن ۾، منزلن ۾، محفلن ۾، هر محل،
ملڪ جي مختيار، مالڪ، معتبر کي سڏ ڪجا.
دوستو واندا دعا کان، دم نه وهجو دائما،
بلڪ باري، بي پسر ۽ بي پدر کي سڏ ڪجا.
سڀ هنڌن جنهن جون سخائون، ۽ ثنائون ٿيون هلن،
تنهن ڏٺي داور جي، ٺوڪي، دوست! دوکي سڏ ڪجا.
عجز واري آه زاري، آهي در الله خوب،
قرب مان قيوم، قادر، ڪارگر کي سڏ ڪجا.
عجز واري آه زاري، ٿي ڏٺي جي دو اکهي،
هيج مان هاري هنجون، حاڪم حشر کي سڏ ڪجا.
غم غمي، غالب ڪنديو، غرض کڙو غير مان،
بلڪ باري جنهن بنايو، جن بشر کي سڏ ڪجا.
آهي حاڪم حاڪمن، حنان، حيّ، لايموت،
ڪين آو اهڙو مٽي، اهل قبر کي سڏ ڪجا.
آهي الله هيڪڙو آو، آهي الله هيڪڙو،
ڪين در داور ڇڏي، دانا دگر کي سڏ ڪجا.
اوليا ۽ انبيا "الله الله"، ويا ڪندا،
پُٽ نه پرورکي ڏيئي، وڻ، ٻن، پٿر کي سڏ ڪجا.
آهي "احمد" چئي احد، اول، سو آخر، منجھه ٻهر،
ٻن ٻين ٻانهان! ڏيئي تون منجھه ٻهر کي سڏ ڪجا.

[۳]

"پنو جيڪي پنو"

اسم چئي الله اڪبر جو، پنو جيڪي پنو،
بادشاه آهي بحر بر جو، پنو، جيڪي پنو،
جت خزانو گنج گوهر جو، پنو، جيڪي پنو،
نام دائم آهي تنهن در جو، پنو، جيڪي پنو،
رحم وڌ رحمان رهبر جو، پنو، جيڪي پنو،
آهي الله عرش، ڪرسي، آسمانن جو ڌڻي،
جن، ملڪن، ماڻهن، ماڳن، مڪانن جو ڌڻي،
پڻ زمينن ۽ زمانن، جڳ جهانن جو ڌڻي،
مشرڪن جو، ملحدن جو، مسلمانن جو ڌڻي،
آ ڌڻي مالڪ، ٻه محشر جو، پنو، جيڪي پنو،
ٻاجهه واروهڪ پجهان، پيو ناهه پانهن جو ڌڻي،
خان ۽ خاقان آهي، خاندانن جو ڌڻي،
پڻ زميندارن، زمينن ۽ زمانن جو ڌڻي،
خلق جو خالق خدا، اڻ ڪٿ خزانن جو ڌڻي،
آت نه آت زر سيم، زيور جو، پنو، جيڪي پنو،
غافلو! غفلت ڇڏي، گهر جو غني، غفار ڪان،
ڪير ڏون آن ڪان، ڪرم، قادر، قوي، ڪلتار ڪان،
ڏس ڏهارين تي ڏينهاڻي، ڏات ڏيه ڏاتار ڪان،
ڏيون ملن آن کي معافيون، ملڪ جي مختيار ڪان،
مٿر هنجي ڏوه قدر ڏولگر جو، پنو، جيڪي پنو،

سال سارا ويا لنگهي، ڪيہ ڪره سونڪن ۾ سڙو؟
ڪيئري وارن ڪي قادر، ڪونہ ڳالهائي ڪڙو،
عرض آگي ڪي ڪريو، تان ڪوه اهکي ۾ اڙو؟
لطف لئي، لاتقنطوا، من رحمة الله ڏي لڙو،
هي پڙهو هر پار پرور جو، پنو، جيڪي پنو.
اور عادت رب سندي، عادت عبيدي ناهہ هت،
ڪيئري وارو ڪڏهن، ڪنهن قول؟ قيدي ناهہ هت،
ڪئين پلائي جا ٻنيا، گل باغ بيدي ناهہ هت،
نعمتن لئي سر نمائي، نا اميدي ناهہ هت،
عرض آکي عفو اڪثر جو، پنو، جيڪي پنو.
ذات ذيہ ذاتار ري، پهو ڪو ڌاربن ڪي نہ ڏي،
او سخين جو سخي، وه وه! سخا صاحب وڏي،
ڪير سائين ڪان سوا؟، هن پر سوالين ڪي سڏي،
خلق جو والي، نہ خالي ڪنهن سوالي ڪي ڇڏي،
ڪم ڪري ڪهتر ومهتر جو، پنو، جيڪي پنو.
سر پلن جي پال ؛ پلين مٿي پالو سندس،
آگ ڪان اڳرو چوان ٿو، آهي او پالو سندس،
عرضدارن ڪي اصل آهي، نہ او ٽالو سندس،
وهم ويهن ويهن درن تي، وره وأي ٽالو سندس،
آهہ سو آرام اندر جو، پنو، جيڪي پنو.
اي دهل وارا! دهل در دو سڻين چوو؟ دم بدم،
آة لڙي لاشڪ ڏڻي ڏي، لاگ جنهن جا لک پدم،
او قطارن جون قطارون، ڏي قطاريو پر قدم،

خلق والي کان نہ خالي، ڪوئي خادم، خدم،
مرض، مشڪل لاهہ مضطر جو، پنو جيڪي پنو.
ٽا اچن اڌ رات جو، آواز هي ڪون آسمان،
اي مڱڻهارو! مڱو، ملندا مڱڻ وارن کي مان،
پانڌجا بي حد پلايون، پال بخشش بي گمان،
حاجتون حاجت وندن جون، هت پڄن منجهہ هر زمان،
دين، ڏن، دارون دوا، درجو، پنو، جيڪي پنو.
جي اچو الله ڏي، اهنجو وڌي اقبال ڪل،
باه دوزخ کان بچو، ماڻهو پلايون، پال ڪل،
هت پڌي حجت چڌي، حاجت وندا! چئو حاج ڪل،
رزق مالڪ کان مڱو، پٽ، زال، مڏيون، مال ڪل،
دوجهلي رب جو نہ ديگر جو، پنو، جيڪي پنو.
دانهن جا درٻار ۾، دل جو عرض دلگير چئي،
رب تعاليٰ جي طرف، توبہ ڪريو تقصير چئي،
مهر مالڪ کان مڱو، برڪت محمد مير چئي،
تند ڪا توحيد جي، طالب! هڻو تڪبير چئي،
ترڪ فرمائي تڪبر جو، پنو، جيڪي پنو.
بحر بر جو بادشاهہ، بالڪل نہ ٻاري ڪا ٻگر،
ملڪ ۽ ملڪوت جو، پڻ آهي مالڪ هڪ مگر،
جهٽ ملي جبارتنهن کي، جو مڏي سان جيءَ جگر،
دان دانا! دين جو، دنيا ڏسوڻي دولت دگر،
پا مزو محشر مقرر جو، پنو، جيڪي پنو.
خوش خزانن ۾ خدا جي، خلق ساري خاص عام،
در سخي سلطان جي، سرها سوالي صبح شام،

نت کھرو تنھن کان تماشا! نعمتون، ناموس نام،
مره مدين، يا مدد بس، يا مديني ۾ مقام،
سو سونھارو شھر سرور جو، پنو، جيڪي پنو.

ڪيئري وارا! وتو ڪٿھ؟ ڪيئرلون پي ڪي ڪندا،
ھر حمايت، حق ھدايت تين حاصل ھين ھندا،
پان پٽ ٿي بادشاھه کان، بخشش پن گھر جا بندا،
حج ڪھرو يا حاج ٻي، سڀ جڏي، حاجت وندا!
يا پلو بازو پيغمبر جو، پنو، جيڪي پنو.

آج "احمد" جي اٿان، ڪريو احد کي اختيار،
رب تعالي هان بخشي، تاج توڙي، لخت يار!
بادشاھ باري، بخشي، بابون پلابون بخت يار!
سڪ کھرو سڪرات جو، جا آھي ساعت سخت يار!
جام ڪلمي ساڻ ڪوثر جو، پنو، جيڪي پنو.

---

[۴]

"آڏي، اسر ۾ ڪونيونس"

آھي الله هيڪڙو آڏي، اسر ۾ ڪونيونس،
وڻ، پھڻ، وڻڪار، واديون، وس، وکر ۾ ڪونيونس،
يا سچا سبحان! چئي، سانجھي، سحر ۾ ڪونيونس،
ھر پساھ ۾، پلڪ ۾، پل ۾، پھر ۾ ڪونيونس.

ڏُر ڏٿيءَ جھڙي نه ڪا، دائم اسان دلبرا لڏي،
لطف ليڪ جا لکون، لکي کان لک لک ويا وڏي،

حال جي ڪريون حقيقت، ساڻ هاديءَ هٿ پڏي،
زاريــن سان زار روئـي، ذر بـذرٌ ۾ ڪوئيونس.
در ڏٺيءَ جي آهـي دائـم، درد جي دارون دوا،
حجتون ڇا؟ ساڻ حاڪم، جنهن همّان حاجون روا،
واقعن ۾ ناهـِ وارث، وهـر واحـد ڪـان سوا،
هر گهڙي گهوڙا ڪريو، گوندر، گنگهر ۾ ڪوئيونس.
چانٺ چشمن ساڻ چميو، چوريان چپ، "چُپ" حڪم،
حال ڪريان هٿ پڏيو، ائين آهي هاديءَ جو حڪم،
ڏـو اميدن ۾ وڏائـي، امـر ادعُو رب" ڪُم،
ويڙهه ۾، وڻڪار ۾، وس ۾، وندر ۾ ڪوئيونس.
منجهه طلب تنهن جي وڻن، تهليل، تسبيحون اسان،
رب ڏٺي، رحمان تون، ائين روح ۾ ريهون اسان،
ٿو قبولي پوءِ قادر، قـرب مـان ڪيهون اسان،
نيت چڻي ۾، چانتو ۾، چولي ۾، چپر ۾ ڪوئيونس.
پانهڙا آهيون، پنون پاجهون، پهون پانهون پڏي،
جو ڏٺيءَ جو در مٽي، دل آن ديواني جي انڌي،
ڪم اسان قادر تي رکيا، سو ڪندو پاڻهين ڪنڌي،
قافلي ۾، ڪاف ۾، ڪُن ۾، ڪپر ۾ ڪوئيونس.
جيئن گهري تيئن جـوڙي، يفعل الله مـا يشاء،
مشڪل ۾ هر مهل، من ياد سو مشڪل ڪشاء،
بادشاهن جـو بـه بـاري، آهـي بـالـم بادشاه،
گاهه ۾، گهر ۾، گسن ۾، ره گذر ۾ ڪوئيونس.
ناهي مڙئي ملڪ جـو، معبود مـولا تنهن سوا،
غم سڄي بي سان نه هي، غمگين گولو تنهن سوا،

آهي عالم جو اجهو، آڌار نہ اولو تنهن سوا،
عاقبت ۾، عافيت ۾، ۽ عذر ۾ ڪونيونس.
ياد يا وب نت ڪجا، ياور اٿان يارا نہ پيو،
ڪو احد الله جيئن، ڪئندو اسان آوا نہ پيو،
دوست دنيا آخرت ۾، هڪ ڏٺي ڏارا نہ پيو،
تا سڪي ۾، سير ۾، سيج ۾، سفر ۾ ڪونيونس.
ڪم احد الله وي، آخر بہ ايندو ڪير ڪونہ،
مٽانہ ڪنهن جو موو، پڻ مٽ، مثل ٿيندو ڪير ڪونہ،
هڪ ڏٺي ڏاران دلاسو، دوست! ڏيندو ڪير ڪونہ،
حول ۾، هر حال ۾، هل ۾، حشر ۾ ڪونيونس.
زور، زوري هت ذري جو، ناهي زاريءَ کان بگر،
عجــز واري، آه زاري، انتــظاريءَ کـان بگر،
هيت نہ پيٺي پروسو، بي مثل باريءَ کـان بگر،
باغ ۾، بستان ۾، بر ۾، بحر ۾ ڪونيونس.
آهي ”احمد“ چئي احد کي، عمر ساري عرض سون،
فضل فائق کان پنڻ، فـرمان چاتو فـرض سون،
ڪرم ڪلمي لڳ ڪندو، ڪونهي مٿس ڪو قرض سون،
قبض ويلي ۾، قيامت ۾، قبر ۾ ڪونيونس.

[۵]

"آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد"

آيو امام امت، ارشاد ڏيو الاهي،
عالم ۾ اڃا اونداهي، آخر لٿي اونداهي،
ميڊ ڪيو مهائو، سڀ تان وڃي سياهي،
جنهن نور سان نوازيا، نو کنڊ ۽ نواحي،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمدﷺ

جمله جهان ۾ هوا، جنهن وقت جنگ، جهڙا،
ڀاڙو نه ساڻ پاڙي، ڀائر نه ڀاءُ ڀيڙا،
مدت مديد ڪن جا، موٽي ٿيا نه ميڙا،
ڀائر سي بنايا، جنهن بند ڪري بکيڙا،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

اڳ ڳالهه اوس، خرزج، ڄاڻي خدا ته هي هئي،
هڪ خون تان خصومت، تن پاڻ ۾ پئي هئي،
ٽي سؤ ورهيه ستون تا، رت ڇاڻ ٿي رهي هئي،
سرچاه پوء سندين، جنهن صلح ڪئي صحي هئي،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

هو شرڪ روء زمين تي، ظاهر زمان ڪنهن ۾،
ڪنهن جو گمان ڪنهن ۾، ڪنهن جو گمان ڪنهن ۾،
ماڻهو مخالفت ۾، محبت نه مان ڪنهن ۾،
آڏري تذهن امانت، ڪون آسمان ڪنهن ۾،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

توريت ترڪ ويد ٿي، انجيل وبيد آخر،
قابل، قنوج قابو، منجهه ڪفر قيد آخر،
گهر گهر بتن جون باتيون، بند ٿي بيد آخر،
تسان آفتاب اڀريو، ٿيئي اميد آخر،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

هڪ ڏينهن حرا جبل جي، چوٽيءَ کان نور چڙهيو،
کل علم ٿيا عطا تنهن، جو الف ب نه پڙهيو،
جيڪي جناب چيو، سو جوهر مثال جڙيو،
پولي، ڪتاب ڪنهن ۾، جو اڻ پڙهيو نه اڙيو،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

حاڪم حڪومت کي رسيا حڪمت ڏنئين حڪيمن،
لاٿائين غم غريبن، ياري ٿئي يتيمن،
سڀ سان سلوڪ سهڻو، سارون لڌيون سقيمن،
ڪنهن سان ڪڙو نه ڪڇيا، هو قرب ڪم ڪريمن،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

سرور ثواب حاڪم، ساري صحي سيکاريا،
هٿ حاڪم جي سان، ارشاد سان اڏاريا،
پانهان، رئيس پاجهون، ورنه گڏي وهاريا،
صدقي وچان صدين جا، اڻ سدربل سڌاريا،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

منصف مزاج موٽي، ظالم جنهن بنايا،
اوٺار ڏيهه عرب جا، عالم جنهن بنايا،
بدوي برن پٽن جا، بالم جنهن بنايا،

سرڪش سوين سڌاري، سالم جنهن بنايا،

آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

ويرين جون ورهه ڪيرهن، سختيون سٺيون ٿي صابر،

بلڪل نه بد دعا ڪئي، ڪنهن عدو کي اڪابر،

رب بخش هن بندن کي، آهن پليا برابر،

اهڙو رسول رهبر، نرمي ڪري، نشانبر،

آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

منجهه هند ويد هوندي، نورت تي مست مهتا،

اسلام تانڪ آيو، پيغام دين پهتا،

تازڪ هنيو نقارو، توحيد طرف تهتا،

پهتا پٽر پوچاريـن، اي فيض جنهن جي جهتا،

آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمد.

اڄ سين هلن هندن ۾، ذاتين تي ضد اڄايا،

اسلام ڏانهن ان مان، جيڪي اڇن، ڪي آيا،

بيشڪ برابريءَ جا، تن حق حقوق پايا،

ناٿي نسب تي نخرا، جنهن قوم مان ڪيڍايا،

آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

پانهان چڙي پين، ٿيا پنهن جي خدا سين پورا،

سب ملڪ ۾ سڏارا، سيد ڪيا سمورا،

جنهن ڪان اڳي نه جڳ ۾، نالو نشان شورا،

اي حق، هدايتون ٿيا، حاصل جنهن حضورا،

آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد.

ڪيئن سين عمر عرب مان، پيدا ڪيا پيغمبر،
روشن رهيا جنهن سان، محراب، مهت، ميمبر،
منجهه لسٽ عارفن جي، اول نبي جو نمبر،
گوهر جتي گذاريو، سي ماڳ مشڪ عنبر،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

اسلام آهي برحق، الله ڏي سڏي ٿو،
شاه وگدا کي سرکو، پنهنجو پناه ڏي ٿو،
ورهن جا وير وانڊا، وڃڙا ۽ڪوڙ ڏي ٿو،
اُيرن کي آب ڏيئي، انعام ساڻ اڏي ٿو،
آهي نبي اسان جو، سو مصطفيٰ محمد،

رستو رسول جو وٺ، اي مردا ويهه نه منجهي،
فيض ڪان جنهن جي، هليو جملہ جهان گنجي،
ٿي خاص هڪ خدا جو ڏي راه ۾ کي ٻنجي،
ٿيو ڪل ڪماليتن جو ڪلمون ڪريم ڪنجي،
آهي نبي اسان جو سو مصطفيٰ محمد،

(٦)

"دنيا درگذر جو ماڳ"

جنهن جو ڪائين ٿنهن جو ڳاءِ،
ونمي هٿي کي، ننگ نہ لڳاءِ،
توکي، سون کي رب تڳاءِ،
شڪر خدا جو خاص جڳاءِ،

بئي جا کهڙا لهٽا لائي،
دنيا درگذر جو ماڳ،
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

سچ نہ ڪري تو پاڻ سهائي،
ماءُ، پيءُ پاڻا مهر نہ لائي،
خاص خدا جي ٻاجهہ اهائي،
ٻانهان! جڏ تون ٿيءُ ٻيائي،
مٿن ۾ مؤمن وحدت واڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

جهڙو اپ تي چنڊ چلائين،
تهڙو پون تي پاڻ پلائين،
جيئن محمد سير هلائين،
نورو اِي ڪو نورو لائين،
بي شڪ پنهنجو وريو ڀاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

"الله الله" ڪر اوير سوير،
جڏ پيون ڳرندپيون، ڦرندپيون ڦير،
پلن جا وٽ، پلا! ڳون پير،
سچ ڳہ سونهان جن اهڙا شير،
وه وه! تن جي سوڀ سڀاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

سڻ تون هاڻ نصيحت نيڪ،
هڪ ڏينهن وينديں هليو هيڪ،
سوڙهي قبر ڪانهي ويڪ،
ڪنديئي ڪونه سلام عليڪ،
ٻـڌ ڀـر ڀـوڳيندين بيراڳــ،
دنيا درگـذر جــو ماڳــ،
ساٿ سنيهڙو جانب! جاڳ.
زور ڇـڏي ڪر زاري زاري،
موت متي تـــي ماري ماري،
وطـــن تنهنجو واري واري،
قبر انـــڌاري ڪاري ڪاري،
اسـج مشعلو ڪو لنهن ماڳ،
دنيا درگذر جــو ماڳـــ،
ساٿ سنيهڙو جانب! جاڳ!
مٿا هوندا تـــو سڪندر، دارا،
ســوره ســدوره رستم پـــارا،
سي سڀ ويـــا وڃـــائي وارا،
تن جي ڪونهي ڪنڌي ڪنارا،
ڇپون ڇپرا ڪن اڄ جاڳــ،
دنيا درگــذر جـــو ماڳـــ،
ساٿ سنيوڙو جانب! جاڳ.
حاڪم هٿا جي هاڪ کهٽي،
آيـو ان تي اجـــل ڪٽي،

هڪدم حڪمان حڪم هٽي،
لختي چاڙهئين لخت ڏٽي،
ڏنئين وساري راڻين راڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
ساٽ سنيوڙو جانب! جاڳ.

عاقل! غافل وقت گذارين،
امر، نهي کي ڪين نهارين،
پنگ پيو تو بت کي ٽارين،
هڪڙي ٽاريو، ٻي تو ٻارين،
دوزخ اندر ڏاڳو ڏاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
ساٽ سنيوڙو جانب! جاڳ.

وڻ ڇڏي ويا ڦوٽ گهٽان،
ڪائي وينا ڪوٽ گهٽان،
گباڙها ڳاڙها گهوٽ گهٽان،
ڪلر ڦٽي ٿيا ڪوٽ گهٽان،
ويا ونين کي ڏيئي ڏهاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
ساٽ سنيوڙو جانب! جاڳ.

ڏس ڪون شاهي شهر پراڻان،
جت رهيا ٿي راڻيون، راڻان،
موت ڦٽايا مڙئي ماڻان،
ڪون پسو اڄ صباح سماڻان!

اوڏهين ويندين واري واڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

ڏسين ٻيئو، تون هي جي ٻنيون،
اونچيون جهڙيون انين پنيون،
لاشڪ انهن لڪ ۾ لٽيون،
صورتون توکان سهٽيون سٺيون،
وري ڪن تان ويو ويراڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

هي جو تون ٿو لوڙهه لتوڙين،
پانيو ڍير متي منهن موڙين،
ڦن ۾ توکان ڪامل ڪوڙين،
ڦون پڻ خيمان ات ٿو کوڙين،
جلدي ڇڏينو مال مهاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

اڄ نه اڳوڻين پيٽين ياڳيا،
ڏور ولايت ڪنهن واڳيا،
ٻني ونيءَ جا وارث جاڳيا،
مالڪ پيا ٿيا مال ڪي ساڳيا،
دو تي ڏارين پوري، ياڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
سات سنيوڙو جانب! جاڳ.

گل ڇڏي ويا ڪئين گلزاريون،
زوري وارن هنڌن زاريون،
ٻر ڦٽي ٿيون ڪئين بازاريون،
ماڙيون ماڳ اڏامن واريون،

مَر نه ليکي ڪا، تن جو ماڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
مات سنڀوڙو جانب! جاڳ.

جن چندن سان چوني توتي،
مينهين مڙهيا مانڪ، موتي،
فخر ڇڏي سي ٿيون فوتي،
خاڪ ڪيائون پٽ ۾ پوتي،

وسريون چوڙا چندن چاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
مات سنڀوڙو جانب! جاڳ.

جوان جوان، جوڌا، جوڌا،
ڪون جيئن سهڻا سُوڍا سوڍا،
مري ڳري ويا گهوڙا گهوڙا،
ڏوڙ مٽن ڪيا دوڙا دوڙا،

وٺ ڪا عبرت، ڇڏ اياڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
مات سنڀوڙو جانب! جاڳ.

راڄ وڏيرا! راڄ نه تنهنجو،
ڪون ڪنهن هٿي جو، تاج نه تنهنجو،

موت ميان! محتاج نہ تنهنجو،
آئي آن، علاج نہ تنهنجو،
هڪدم هٿڙي پٽ تي پاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
ماٺ سنپوڙو جانب! جاڳ.

توڙي شاه، تونگر ٿيندين،
نيٺ مري تہ ملڪ ڇڏيندين،
نيئي نيئي ڪفن ڪو نيندين،
هڪڙو آئين، هڪڙو ويندين،
ڪوڙو پيو سڀ سنگت سهاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
ماٺ سنپوڙو جانب! جاڳ.

ڪين هميشه هوندين ڇوڙو،
سنجهي، صبوح جيئن گذ ٿا سهڙو،
آئين جهڙو، ويندين تهڙو،
گذ قبر ۾ پولدو ڪهڙو،
سدجهي وٺ، سا ڳالهہ سجاڳ،
دنيا درگذر جو ماڳ؛
ماٺ سنپوڙو جانب! جاڳ.

"احمد" ڏي م اجايو جهاتيون،
ڏور ڏٺي کي ڏينهان، راتيون،
پرور سان جن، پريتون پاتيون،
تن سين ڏاتر ڪبڙيون ڏاتيون،

کلمون ٿيو، ڪٿون آهن آگ،
دنيا درگذر جو ماڳ،
ماٺ منهوڙو جانب! جاڳ.

---

[۷]

"ديک دنيا جي دوست! دورنگي"

وڏي وڏائي واحد واهب، جنهن جا آهن عجب عجائب،
ملڪ سيد کي بخشيو صاحب، يار سڳورا نوري نائب.
تن تي قيمت دار ڪلنگي، ديک دنيا جي دوست دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

دانا ڪارڻ دين شريف، ڪن حياتي گهوو حريف،
طالب سڀ سهن تڪليف، ٿين ضرورت پر نہ ضعيف،
ڏين جهادون جابر جنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

دانا ڪارڻ دين منير، صدقو ڪن سر، ساه، سرير،
سچا سائين سين رهن سڌير، موٺن ڪين مرڻ کان مير،
ٽوٽي اڳيان هون تفنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

صاحب ساري، ڪين وساري، سارهو! وازق رزق ڏياري،
سڌ سمجهہ ڏنو مير، ساه سونهاري، تنهن مالڪ کان
منهن ماٺو واري،
ڍور ڍڳن سان پڏا ڍنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

ٻاڪ خدا جو جوڙي ڪيٺ، تنهن ڏي لوڪن ناهي ليٺ،
مر ڪن قلب تي ڪتيون چيٺ، ٻهرين سمجهن رب ڪان پيٺ،
وتن ڪندا سي واهڻ ونگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي؛
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

ڪين ڏسن رب ڏوري ڏوري، ذڪر فڪر ڪان جهوري جهوري،
گنج گوهر ٿان کهوري کهوري، چوندا آٿيو اوري اوري،
وجهندا ٻئي هٿ ٻوڙا ٻنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

علم لڌيو ۽ عرفان، گهٽيو عالم مان ايمان،
پلٽيو جهل ماڻ جهان، ڪاهل ڪين پڙهن قرآن،
ڦرئل وتن ڪر قوم فرنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي؛
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

جوان جوان، ٻوڙها ٻوڙها، مسکيا نه ڳارڻ ڳوڙها ڳوڙها،
ٻانگ، صلواة ڪان ٻوڙا ٻوڙا، ٿين سمهڻ لئي سوڙها سوڙها،
انهن جي عادت آهي ادنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي؛
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

تات سمهڻ جي ساري رات، ڪانه ٻڌن ڪا ٻانگ، صلواة،
پيدا ٿئي جي پره پرڀات، ته ڪن ڪي ٻني ٻارو وات،
ڪن وهي جهڻ جي ماڻي جهنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي؛
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

وقت عبادت ننڊ نياڳ، سنگت ٻدلئي هون سجاڳ،
دهل دماما، دڪڙ راڳ، پسند ڪندا سي ٻائي ٻاڳ،
وهندا ڪوني چارڻ چنگي، ديک دنيا جي دوست! دورنگي؛
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

سچ سيل لنگهي ويو سوارو، وڏ وڏا! هي جو وريو وارو،
ڪوڙ هلي ٿو تنهن ۾ ڪارو، ويو روح مان رب سونهارو،
دمڙي ڏالهن دل ماڻهن ٽنگي، ڏيک دنيا جي دوست، دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

دنيا ويئي ٿي ڏينهون ڏور، غيرت ساري ٿي غرقور،
وڌيو ديوٺي جو دستور، مڙس ليئن ٿا ٿورا سور،
لڄ لياقت لوڪن لنگهي، ڏيک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

جي سيڙو لڳو ڪنهن سير مٿي، ولي ءَ سگهوري وير مٿي،
تہ پهرين روون پير مٿي، رکنديون عزم امير مٿي،
پنڌيان هلندا مرد ملنگي، ڏيک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

حضرت حسن، حسين امام، ڪنا ايرادي ساڻ غلام،
رسم اها ڪن رافض خام، ڏهين محرم جي ڪن ماتام،
ٽڙيل اهي تيهڙو لنگي، ڏيک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

ڇا ڳايان بيڙايون بيدين، ڦرڪت لڳي ڪان ڪم ڪمين،
مولا سرهي شل مسڪينن، هادي ڏيکاري راهه حزينن،
دل ڇا ڪرڻا، وهمن ونگي، ڏيک دنيا جي دوست! دورنگي،
اڪثر نانگا ٿورا ننگي.

[٨]

”ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو“

سدا صاحبي تنهن جي صاحب سڌرا
نہ ڪنهنجو پسر تون، نہ ڪنهنجو پدر،
تون اول، تون آخر، گجهو تون، پڌر،
پتادار هڪ تون، بندا در بدر،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

ارب، هيڪ آدم، منجهان آدمي،
عرب، ڪي عجم، روم ويا ڪي رمي،
ديهن ۾ وڃي ڏار ويٺا دمي،
پڌئون شهر شاهي، نواحي نيمي،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

عجب شهر هئا، پڻ عجب شوربار،
محلا، محل ڪاج جهڙا تيار،
پيارا منجهن، پڻ منجهن هو پيار،
مري ويا نہ ڪنهن تي ملڻ جي مدار،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

جتي شهر شاهي، رهيا شير آت،
رهيا تي وڏا واه، کنهن وير آت،
وڳي پير جت ٿي، پڳي پير آت،
نه پڳ ۾ پراڻو پسون پير آت،
ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙني جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو.

جتي ڏُوم دريـاءُ دائـم وهيا،
جتي ڳوٺ ڳوٺن ۾، ڳهه جيئن ڳهيا،
رهيا راج، پـڻ راج راڻا رهيا،
ڪچهرين ۾ ڪنهن وقت قدقد ڪهيا،
ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙني جو مٿو
اچا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو.

جتي جام جنسار جڳ مڳ هئي،
ڀڳه ڏي ڀڳه ڀوڪ ڀڳ ڀڳ هئي،
لکان چا لـکين خلق لـڳ لـڳ هئي،
اسان ۾ اڳين ڪان به اڳ اڳ هئي،
ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙني جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو.

اڳي جت اوطاقون، نـه آواز آت،
جتي ناز ڪن گهر، نه اڄ ناز آت،
ڀيو جهرڪين ۾ جُرو بـاز آت،
دنيا درگذر، دم نـه دمساز آت،
ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو.

گلزر گل گلابين جون گلزاريون،
پيا بلبلا ڏيئي بيزاريون،
بيابان، بر باغ بازاريون،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اڃان خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو،

ڪٿي ڪوٽ ڪسرا ۽ قيصر سندا،
ڪٿي ڪوڏ ڪوڙرو، چنيسر سندا،
نه ڏهاڪا ڏيه ۽ ڏهيسر سندا،
ڦٽا ڪر ڦڪا ورق ويسر سندا،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اڃان خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو،

ڇڻان چانگ مان موت موتي ڪٽا،
ڇڏي گهر گهنگر منجهه گڏيا گهٽا،
ليکن ڪي ليکي ويا لکي لک ڇٽا،
ميا هنڌ حويلين ڏسيو هٽ هٽا،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اڃا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو،

پلين پڊ پراڻا کهي گام ڳڻ،
عرب ۽ عجم، روم تا شام ڳڻ،
صديون صاحبيون صبح تا شام ڳڻ،
نه نالو نشاني پاهڻ نام ڳڻ،

ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو،
اڃا خاڪ جو پيٽ ڀرجي نٿو.

پراڻن پڊن جو پستو نـاهي پار،
ويون اوڙ ڪون، اور ڪن ۾ اپار،
وڏا نڪ ڏگها ڪنڌ، ڪرمت ڪپار،
ڪيان اڄ انهن مان اچن آءُ پار،
ڇڏيو خاڪ ڪاڻي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

خبردار هي خاڪ ڇا مان بڻي،
ڪسابن ڪان ٿياجي ڪروڙين ڪٽي،
مرون، جيت، ماڻهون پرين ڪان پٽي،
خدا تن منجهان خاڪ خلقي ڪٽي،
ڇڏيو خاڪ ڪاڻي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

خبردار هي خاڪ خاقان خان،
خبردار هي خاڪ خود خاندان،
خبردار هي خاڪ جهونا جهان،
خبردار هي خاڪ جوڌا جوان،
ڇڏيو خاڪ ڪاڻي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

خبردار هي خاڪ خاڪو اگهين،
مرون جيت، ماڻهو ڪري رون، ڏگهين،
لکين سال لاشن ڪي لهريون لگهين،
ٿيا تهه مٿي تهه پچيون سرپگهين،
ڇڏيو خاڪ ڪاڻي مڙن جو مٿو،
اچا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

عجب حڪمتون تنهنجون هادي سُبل،
جوان پون بناءَ جا جا ياد بـــل،
وڏا واگهه ونجهو، جڏن مان جبل،
لڳا تـــوڙ طـــرحين تماشـا طبل،

چڏيـو خاڪ ڪائي مڙن جـو مٺو،
اجـــا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

ادا! اڄ نـــ ان ڪي سڄائي صحي،
مرون، جيت، ماڪر ڪِ ماڪڙ ڪهي،
ڪروڙين ڪهي ويا ڪهي سا رسي،
ادا! حال پنهنجو ٻه هڪ ڏينهن هي،

چڏيو خاڪ ڪائي مـڙن جـو مٺو،
اجـــا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

نہ ”احمد“ ادا! عمر تـــي اعتبار،
طبيعت طبيبن بـلـي بـــار بـــار،
ذري زور پر، منجهه ذري زير بار،
پناه پـاڪ ڪلمون صبحائي سنپار،

چڏيو خاڪ ڪائي مـڙن جو مٺو،
اجـــا خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو.

[۹]

ماڙئي جي مدح

"پسند پٽ پنوهارن پيارن سندو"

اٿو شوق جن کي شڪارن سندو،
پسند پٽن پيشو پچارن سندو،
ڏٺي دوست آن ديندارن سندو،
پنهه پاڻ پرهيزگارن سندو،
سدا شان وڏ شڪر وارن سندو.

وهان منجهه رتولن، روان نت رڪن،
کهان قيد ڪثرت کي، وحدت وطن،
سنديون ويڙهه والڙيون وسن ۾ وڻن،
ٿيو قل هو الله احد، قوت تين،
پلو پاڳ پايان پالارن سندو.

ٻڪو پر پنوهارن، ٻجر پيا پڇو،
ولڙيو جهوپڙو مون، جتو جي تيهو،
وجهل ۾ ولهارن وهاڻان وهو،
قلعو ڪوٽ تنهنجو قبوليان ڪيهو،
پسند پٽ پنوهارن پيارن سندو.

تون سمجهائيين سومرا! چا سٽي،
ڪڙيون هند بازو پچان تو ٻٽي،
محبت سٽيان ساڻ مارو ميٺي،
ٿم ڏک، ڪم ڏاڍا ٿيم ڏينهن ڏٺي،
ڏکيم داغ دل کي ڏنارن سندو.

سون هيٺي سان هاٿو ڪيو هاڻ ڏو،
دعا ڪانء دائم، ڪنديس ڪاڻ تو،
بروڙيو نه پاڙو، سندم ڀاڻ ڳو،
سچي ڳالهه سڻ، سومرا، ساڻ تو،
سونهي ڪين ٿو سنگ، سنگهارن سندو.

سنگر سيڪيل ساٿيـن وٽ مٿا،
لُڏيو لاڏ ڪن، لهر، لوڏا لٿا،
لٿا محنتون، مرض ماروئن مٿا،
ڪڏهن سوڙهه ماٺهه سنبرون نٿا،
سدا سال سڀڪو سکارن سندو،

ڪڇو ڪونه مارو ڪَهن کو ڪلام،
سلامٌ عليڪم، سندا ان ڪلام،
سڙئي آت رکئا عيش آگي علام،
منجهان ملڪ ئي ويا ملامت ملام؛
نکو نام ڏيه ۾ ڏکارن سندو.

نير ۾ ليا پا نوان سر نون،
اچي چڪ چوڙ چيٽ جا، تا چون،
سُٺي سا ڏهين مڪ، سگر ٻيا سون،
پنوهارن جي ڀاڙي نه ڀارا ڀون،
نه ما لئڪ، نه سو نکو سيارن سندو.

Soorih Mirani

ڪنبيون، ڪير ڪاهُ، ٻيون ڪيريون،
ڀُڏيون ڀُور مان ٻاوريون، ٻيريون،
هيون هير طالب، نه هيت هيريون،
جتي ڦوڳ ۽ ڦل اتي ڦيريون،

سڻهو سيم ۾ سُر سنڀارن سندو.

ٽڏا ٽاڪ ٽر جا، جتي ٽين ٽوڪ،
رهيا راڄ، راڄا، رهي ڪانه روڪ،
لڪين قسم لايون، لٽن ڀوڪ لوڪ،
مٿي ماروئن سينهن وس اوڪ موڪ،

ٻچي ڪين ٻيرو ٻهارن سندو.

چرن چيڪ، چلنگار چيلا چُمّا،
اتي مال ماروئن مڇي ٽيا مُٽّا،
ڪٽا ڪير، ڪنبيون نه ڪاهڙ ڪُٽّا،
ڪَڙُها، گونر، گولون، گيه گل ڦُٽّا،

وري ڀيو ورن ٽيو واهارن سندو.

جڏلان هون جوء ۾، جهري، ڀور، جهير،
لڳي ڪن چنڊينڊي، ڇنن پاس ڇير،
هڪل هڪ ڀڏي مون هتي هاڻ هير،
هليا ماڻڪيا مورا ”مان مان“ مٺيرا

اهو سڏ سنگهارن سونهارن سندو.

وڻي وقت وانديون وهارين ٿا،
نوان گاهه نيت نهارين ٿا،
پٽن پاس پونگا بيهارين ٿا،
بهن لاءِ پيريون پُهارين ٿا،
ترڙو ٽڙو تماشو تنوارن سندو.

سونهي ڪانه ساٿيهه سچ سير ري،
نه شربت، نه شيرا وٽن شير ري،
ڪپي مون نه، مارو مٺي مير ري،
هلي ڪانه تدبير تقدير ري:
اکهي عرض من!، عرضداون سندو.

ڏٺيءَ ڪان گهرون ڏرم ديني اسان،
رهي دل اندو دوربيني اسان،
نه گڏ گنج، گوهر، نه گهني اسان،
نه پوري وجهون، پر نه پيني اسان،
نه هي هار پايان هزارن سندو.

هٿي هار پايان، نه هيرا هٿي،
وانگيندس وڏوان مڙئي رت وٺي،
هلان ڪانه حاڪم! هٿي اگ هٺي،
ڪنٺي آٿون هڪ، سانگين مان سٺي،
لڳم چام! طعنو چمارن سندو.

ڪڙهان ڪوٽ ۾ ٿي، ڪٺيس ڪوٺين،
لڱن آهي لوساڻيو لوئين،
نه احوال ورڻو اچا اوئين،
جڪس ڳالهه سون ڏي ڳٺي ڳوٺين؛
اٿم ماڻرو ان ميارن سندو.

رهڻ وات ۾ روح منهنجي ربنهان،
اٿي بند ۾ بوند خاطر بيهان،
سدا وس وطن ۾ واڌاڻا، وينهان،
عمر، ڏيه اسان جي تي، سيڪنهن ڏينهان؛
منڊل آهي ميگهن، ملارن سندو.

وطن، ويڙهه، واديون، وليون، وڻ وسن،
للر، لنب، لاڻا، لچڻ منجهه لسن،
دڙن ڪان چڙهيو، ٿڻ جڏهن ٽا ڏسن،
ته ڪنهن پر ڳٺا پيا پراهان پسن،
نظر دور ان جي نظارن سندو.

ڏران تان نه ڏارين دنيا دني،
نه پٽ، چٽ، نه چاندي، نه چنبل چني،
ادا! آهيان آئون اڪنڊي انهي،
منگهن هيٺ ماڙين، ستنه وٽ سڻي؛
اهو ڳوٺ ڳوڙهن ڳنوارن سندو.

عمرا ڪين آرام ايندم الي،
جيابو سندم جان، جهانگي جتي،
ڪڏهن لڙ تنوار ٻن ٻساريو تتي،
هڪيو اڄ ٻه حاڪم پيم هٿ هتي،
صحي مان صحيفو سنگهارن سندو.

ڏسيو هند، حويليون، هنيون مون هتي،
وهان ميرا ماڙين، نه ڏارو متي،
کهڙي ڪين گوندر، گنگهر، غم کهتي،
ڪڏهن قيد قسمت، قضا جا ڪتي،
ٻسان مان پاڙو ٻنوهارن سندو.

صدا عرض "احمد"، اڳيان وب عليم،
وسائيم منجهه واڄ، راحم رحيم،
ڪنجون، قفل ويا، ساڻ ڪلمي ڪريم،
ڪيو ڪرم ڪلتار، قادر، ڪريم،
لٿو قيد، ڪوڏن ڦهارن سندو.

---

[۱۰]

ڳوٺ وارن کي نصيحت نمبر۲

مزاحيه

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سُيان، ڳالهه سُيان ڳالهه ڳالهه،
مولوي مون وٽ لٿل آهن، ڪندا محفل مقال،
قول رب، قال النبي جي، ڪُل ڪندا مي قيل قال،
چي، ميان ڪر مات، مُلن جو پري منهن هٿ شال،

پاڻ مر ڪوڙيو مهون، تيندي به سچ ابري سڀال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سُيان، ڳالهه آهي ڳڙ جهي،
راند، ڪافيون، راڳ مون وٽ، ٽول تيندا اي ٽيڻي،
چي، واه پيلي! واه ڀولي، اڄ وهامندي وڀي،
دڪ دڪڙ لاٿا، دلي ٿي، دل به دلمل ٿي پيئي،

اڄ ته خوش آهيون اسين، اولاد خوش، پڻ خوش عيال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه ميان، آهي سڌ آن کي اهو،
بانگ بانگي ٿي چڙهيو، بانگو ٻرائي ٻاهو،
نيڪ مي نڪري اچو، نيتي نمازون گڏ ٻيهو،
چي، ميان! هي مند ميٺاري، ٿا چون ته چاليهو،

ٽيو مٿي مري مهينو، ۽ وضوء کي ويو سال.

ڳوٺ ونهيان ڳالهه سيان، پيم ڪن تي ڪُور ڪُون،
پا پلو، يا سيڙهه پيلي! نت مرون ڪو مور مور،
چي، سڄڻ! صدقي وڃون، سي لهي ويا مور مور،
دانهن ديهان ديهه بوڙي، ڏو دو نالين دور دور،
هڪ طرف هُر ماڻهيا هُر، ٻي طرف ڇڪتاڻ چال.

ڳوٺ ونهيان ڳالهه سيان، آهي رمون کي مصلحت،
مؤ سنا ڪريو سدن، جوڙائيون مسجد، مهت،
چي، ميان! ڇڏ مصلحت، اِي حب نمازن ناهه هت،
آدمي ايندو، نه ويندو، خواهه هوندن سڪ، صحت،
وهٽ پيا وهندا منجهس، ٿيندو وڏيرن تي وبال.

ڳوٺ ونهيان ڳالهه سيان، جلد ڏيو ڦوڙي فرض،
مير مرشد آيو، جو مهٽ ناري ٿو مرض،
ڪم ڪرائيندا ڦبي تي، پيو به ڪامل تي قرض،
چي، پڏل آهيون اسين، ميان! اونائن عرض،
آهيون سائين سڀئي، ساگهر سلامي ساه، سال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان، اڄ به سيڙو ڪنهن ميت،
ديهه ۾ دوري سنڌي، ديدار بازي اڄ ديت،
لال بازو، سال حاضر، نيڪ ناظر جي نيت،
چي، اڳي تيار آهيون، وَر ويا ونيون ويت،
سو بدينو سو مدينو، سا لواري پاڪ لال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان، خير ســان کليو ڪتاب،
علم تـــي اولاد ڇـڏيـو، آهي ان ۾ آب تــاب،
مرد عورت لاءِ عزت، مس، قلـم ڪاني، ڪتاب،
جي، ابا، ڏاڏا نــه پڙهيا، علم خـود آفت عتاب،
مـــال ڏاريون، مـــال ڇـاريون! مال ڌاران پائمال،

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان، پٽ کو ڏيندو پيٽ تي،
ساليانو سال ڪـــان پوءِ، چــــار پئسا چيٽ تـــي،
جـي، پلين آئــن پلارا! کر پــلائـي پيٽ ڪـي،
هـي بـه حاضر، هـُو به حاضر، ڪم ڪري ۽ کيٽ ڪي،
هٿ ڪنبائي، هيو به ڪٽندو، پاڻ پاڻيءَ جي پخال،

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان، دوستو! ڪوليو دوڪان،
جنهن منجهان ماڻهن ڪمايا، مال، ماڙيون ۽ مڪان،
جي، اسين سي اڻ پڙهيا، سودي سندي سڌ ڪاٿ ڪان،
آٽــيــون ۽ ڇـاڙهيون، گهوريـــا پلاهون ۽ پڪان،
ڪوٺ رکيو قـرض ۾ نته ڪٽ ٻيهو ڪوتوال،

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان ڳالهه، ناهي ڪا ڳري،
هـو ڪــرو اڄ خير ســان، کليو خبر آئــي ڪري،
جي، ڳٺيون ڇا ڳڻ سندء، ويئي عمر ڳڻتين ۾ ڳري،
خر مٿي خرزين ڪنهن جي، منجهه ڪلهن ڪنهن جي ڪري،
درس ڪو، درويش ڪو، ڪو شيخ، ڪو شاه، ڪو شغال،

ڳوٺ ونهيان! ڳالھہ سُڻيان، جلد نڪرو جنگ لئي،
ڏو پرائي ڌي ڪٺڻ تي، يا ڏنڊو ڏيڻ ڏنگ تي،
چي، فدا سنگت مٿان، سر سنگ لئي، پر سنگ تي،
پائر پائرن تي ٻيھي ويا، ڳڙٺ ڳاڙهي رنگ تي،
ڪن ڦٽيو، ڪي ڦٽ ماڻا، ڪي اڄ ٿئين منجھہ اسپتال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالھہ سيان، شھر منجھہ شڪار پر،
شخص صاحب شرع آيو، ڪيتي، هشيار حُر،
عام فھراڻو ڊيندورو گفتگوئي لاءِ گُر،
هڪ ٻہ ڏيهاڙ ڏيريو، پوءِ پڙهيو داناءِ دُر،
پر نہ پورو وعظ ٿي، ڪو خلق ڏيکاريو خيال.

ڳوٺ ونهيان! ڳالھہ سيان، سڌ وڌائون ٿي ڏينهن وري،
هڪ لکي وٺ آهي لاشڪ، مسخري جي مسخري،
راند ڪسٻياڻي ٻہ ڪندي، سون جي جنهن کي سري،
ڳڙ ڳنڍيو ڳائڻ مندس ٻہ، پاڻ جهڙي ڪر پري،
ٿان همہ آيا هلي، پرچي ويو في الحال هال.

ڳڙٺ ونهيان! ڳالھہ سيان، ويا شروع ٿي راڳ رنگ،
مسخري مهندان پچين، منهي پڌايو مون ملنگ،
ڇا ڏڪڙ جي دانڌ ٻہ؟، ڇا ڏو چوي چارڻ جو چنگ،
سارنگيءَ جي سٺو رنگي ٻہ آهي کھڙو پول پنگ؟
ڇا ٿي ڪسٻياڻي ڪهي؟ ڪرين هٿن جي ٽور تال.

ڳوڙ ونهيان! ڳالهه ميان، پاڻ ڪٿي معني ملوڪ،
چڱ چئي لعنت ۽ لعنت، ٻوڙ ڦٽ دڪڙن ۾ ڏوڪ،
ٻوڙ لعنت ڪنهن ڪون، ڪنهن ڪو؟ ساونگيءَ ۾
اي ملوڪ،
هوءِ چوي هن حاضرن، هن حاضر تي هٿڙڪ هٿوڪ،
جي مڙيا ڪل ڪيل تي، ناهن خدا پاسي خيال،

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه ميان، بڪ لڳيم بي حد گهٽي،
پر چڪاسيو چار آنا، هي همه هٽ ۾ ڪٽي،
چي، اٿئي چانهي صفا، جا ڪوڙ جي ڪانهي ڪٽي،
پر نه هوٽل تي هلي، توٽي ٻيهن هٽ هٽ هٽي،

مهر ويٺي مينجي، ري مهر مهرن ملهه محال،
ڳوٺ ونهيان! ڳالهه ميان، ڪان پيان پوري پرون،
مهر چانديءَ جي ٻه مؤمن! مهر ري هلٽي نه مرو،
ڪيئن اوهين جي آدمي، هوندا ڪٿي ظاهر ظهور،
پر نه هوندو هن هنيين تي، نقش ڏالو وب غفور،
پوءِ "احمد"! رد احد وٺ، مهروي جيئن ونر وبال.

———

[١١]

ڳوٺ وارن کي نصيحت نمبر ٢

مزاحيه

سڀ شيون سبحان الله، ڪن صبح ۽ شام ٻه،
آهي عالم امر الله جي انعام ٻه،
نيڪ، نوري، ڪم نمازن، ناهي جنهن ناڪام ٻه،
سو فسادي، فرض جو منڪر نه گهر جي گام ٻه،
اي ته خاصو ۽ هي ٻه آهي، پر نه گهر جي گام ٻه.

آهي آفيمن سندي اوڏي، چڱي اوطاق ڪين،
سُرڪ تي سڙ سڙ سڙين، سلفي کي سوڙاڙا ڇڪين،
بي نمازي ڀنگ پيي، بي فائديون باتيون بڪين،
ڪنهن موالي جو منهن، مٿو نه گهر جي گام ٻه،
اي ته خاصو ۽ هي ٻه آهي، پر نه گهر جي گام ٻه.

چور مان ڪانهي ڇڱائي، چور چوري مان ڪماءِ،
يا ڪڏي ڪنهن گهر کي گهيرو، يا ڳڙهه ڳاهو گهماءِ،
پوءِ ڪنس عامل اڳهاڙو، هٿ مٿان هٿس نماءِ،
سو گندو، گانڊو، گدو گيهر نه گهر جي گام ٻه،
اي ته خاصو ۽ هي ٻه آهي، پر نه گهر جي گام ٻه.

جنهن ۾ وهٽائي ۾ ويهي، واڻيون ونندو وياج،
"شائين حاضر" هٽ پڌي، چوندو جڏهن پوندس ڪا حاج،
ڳوٺ ڪي نيند وڪهي، پوءِ ڏان ٻني پر مان پهاج،
سچ ته اهڙو ڪلفتي، ڪافر نه گهرجي ڳام ۾،
اي ته خاصو هي ٻه آهي، پر نه گهرجي ڳام ۾.

ناچ ناچو، ناز نخرا، راند ڪافيون، راڳ بيت،
ڏم ڇڪر، دم دم دمامن، دف، دلا، دڪڙن سميت،
منجهه ڪچي اهڙي ڪچهري، ڪئين اچن ڪاهي ڪميت،
خير ڪونهي تنهن خلل اندر، نه گهرجي ڳام ۾،
اي ته خاصو هي ٻه آهي، پر نه گهرجي ڳام ۾.

غير ڪان غيرت نه جنهن کي، گهوٽ غافل گهر ڪنان،
بعض ايندا، بعض ويندا، بعض وهندا پر ڪنان،
پيا ٿين ديري ۾ داخل، دوست! ڏاريان در ڪنان،
سو مڇو اهڙو مهاري، سر نه گهرجي ڳام ۾،
اي ته خاصو هي ٻه آهي، پر نه گهرجي ڳام ۾.

لچ لانبٽ، لانگ ڇوڙو، لوف بدلڪٽو، لفنگ،
ڪنهن نماڻي ۽ سماڻي جو، نه نانگي کي ڪو ننگ،
ناهي لانڍاري جو لائق، ڪنهن جي لانڍيءَ ماڻ لهنگ،
بي حيا، بدڪار سو، بدتر نه گهرجي ڳام ۾،
اي ته خاصو هي ٻه آهي، پر نه گهرجي ڳام ۾.

جي اچي اسڪول مان، عامل اڪسر آڏا پڙهي،
ڪين جهڙي ڳالهہ ڪان، جنهن کي وچي ڪاوڙ چڙهي،
پوءِ ڏمي درخواست ڪوڙي، ڪوڙ ڪاڙهي ۾ ڪڙهي،
سو مخالف مست منشي گر، نہ گهرجي گام ۾،
ايءَ تہ خاصو هي بہ آهي، پر نہ گهرجي گام ۾.

دوست لائي دوستن مان، اي ڏنڊو ڏم ڏم جنهين،
ڏاهي لائق لڳ وهارڻ، لائي چائي ڪم جنهين،
ڪم جنهين ڪلفت وجهڻ، سو ڪين ايندو ڪم ڪنهين،
فتني، ڦيڻار سو، فاجر نہ گهرجي گام ۾.
ايءَ تہ خاصو هي بہ آهي، پر نہ گهرجي گام ۾.

پير چائي پيروي ڪان، پير پامي چاهہ چاهہ،
بي نمازي پنگ پي، پنڪين ۾ پنڪيون ڪاهہ ڪاهہ،
پوءِ چڻن ورساءِ، وارث پن جهانن چاهہ چاهہ،
اصل ڪان آڻڻ اهو، ابتر نہ گهرجي گام ۾،
ايءَ تہ خاصو هي بہ آهي، پر نہ گهرجي گام ۾.

سوڻ، شڪ ڪم شرڪ جو، سوٽي صفا ڪوڙو ڪذاب،
هڪ ڪيڏائي ڪاڏٽا، پيو پڻ ڪري ڪوڙو حساب،
ٻار ٻاپن ۾ ٻکهن کي، شرڪ ۾ ڪيري شتاب،
سو ڪڏو، ڪاهن، ڪچو، ڪمتر نہ گهرجي گام ۾،
ايءَ تہ خاصو هي بہ آهي، پر نہ گهرجي گام ۾.

مولوي ويجهو ته مرڳو، مرد، مايون مڙ منا،
جي هميشه ڪم هليا، چوندو ته، ناهن سي منا،
پر ڪريو پرهيز جي، منهن، پيٽ ڍڪيو پڻ پنا،
ڪوڙ مڃندو پوءِ گهٽو، گهر گهر نه گهرجي ڪام ۾،
ايءُ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي ڳام ۾.

هٿي ٻچي هاڻي برابر، واه ٻن چوڙئي ٻرا،
”علم پڙهيو لوڪ اڙبو“، علم وارا اونٺرا،
ان جي تابع جي ٿين، ان ڪمي هٿن تحت الثرا،
ڪو ملان، ڪو مدرسو، مهتر نه گهرجي ڪام ۾،
ايءُ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي ڪام ۾.

ڪوڙ ٻائج ڪين، سچ پچ، هاڻ ني حالت اها،
ڪانڪو ڪم ذات، ڪاذب ۽ ڪنجر، ڪافر ڪها،
سي ته ساڪن گڏ سپيئي، سهٽا سنگت سها،
ان ڪي باقي علم جو گوهر، نه گهرجي ڪام ۾،
ايءُ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي ڪام ۾.

علم آڪي موڪليو احسان امت تي ٿيا،
علم آندو مصطفيٰ، علماء وارث انبيا،
علم ڪان افسوس! عامي، اڄ ادا! آڙجي پما،
علم وارو عامين، آخر نه گهرجي ڪام ۾،
ايءُ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي ڪام ۾،

علم آندو مصطفيٰ، ان کـــي بنا اسلام دين،
علم آهي پاڪ مصحف، جنهن اندر احڪام دين،
علم پار ان پاڪ وب، پرين ڏنو پيغام دين،
پوءِ ڪيئن پيغام پيغمبر، نه گهرجي گام پر،
ايءَ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي گام پر.

يا الاهي! وڌ اسان تي، علم جو احسان ڪر،
علم بخشي امتين، اڙيون سڀڏن آسان ڪر،
ڪم اسان جا ڪل، موافق قاعدي قرآن ڪر،
پي روش ۾ راه، اي رهبر! نه گهرجي گام پر،
ايءَ ته خاصو هي به آهي، پر نه گهرجي گام پر.

يا الاهي! آسرو "احمد" کي آهي ڏو سڀڏو،
بادشاهن بادشاهه تون، آئون ٻڌن مان هڪ ٻڌو،
تو سوا پيو ناهه ڪو، سو ناهه ڪهڙا ڪم ڪندو،
ڪرم تنهنجي ڏار پيو، قادر! نه گهرجي گام پر،
ايءَ ته خاصو، هي به آهي، پر نه گهرجي گام پر.

---

[١٢]

اسرار الاهي [ٽيه اکري]

"الف" اپ، پوڙون عجب اسرار، سمجهي ڇا سگهان،
ڪئين قسم جون قدرتون ڪلتار، سمجهي ڇا سگهان،
صورتون سهڻيون، سوين سينگار، سمجهي ڇا سگهان،
چنڊ، سج، چوڏس چمڪ چمڪار، سمجهي ڇا سگهان،
جهنگ، برپٽ، جر، جبل جنسار، سمجهي ڇا سگهان،
گاه، گولون، گل، گوهر، گلزار، سمجهي ڇا سگهان!
"بي" بنايئين بحر، بر، بوستان، بستيون، بي شمار،
جين، سٽڪ، ساٿهو، مرون، مڇيون، ڪي مانگر، مور مار،
روجهه، ڦاڙها، رڇ، بگهڙ، هي شينهن خوني پرخمار،
ڳئون، مينهون، ٻڪريون، رڍون، گهوڙا، ڪي آٺ، هاٿي، حمار،
جنس سيڪا جوڙو، جوڙو، فرق چاٽيج وچ چمار،
عمر گهٽ وڌ ۾ وڏا ويچار، سمجهي ڇا سگهان!
"تي" تپاسي ڏس طبيعت، تون ٽئين ڇا مان تيار،
باه، پاڻي، واء، مٽي جي، ريخت تنهنجو رخت يار،
ڏس پلي جا پال آپ پون ۾، بنئين ڏون بختيار،
چنڊ تارا تنهنجي تابع، توکي بخشيو تخت يار،
اختياريون ان جون آخر، تون اوس بي اختيار،
تب ڏسان تو ۾ ٽڪڙ، تڪرار، سمجهي ڇا سگهان!

"ثي" ثنا ثقلين ڪن، سبحان! تيري صاحبي!
رات ڏينهن ۾ رات ۾ ڏينهن، سگهه عجب ساراهبي!
تو ڪيا ڪوڙين، نه ئي ڪوڙين ڪان ڪيڙي ٿاهبي!
ڪتل نه سج جي، ڪهربا جي، ئي ڪهين ڪان ڪاهبي!
ٻئي طرف تارا هلن، ڪي اک نه ان مان لاهبي!
اک انهن ۾ آهه آخرڪار، سمجهي ڇا سگهان!

"جيم" جوڙي هار جوڙيا، جنس جوڙا جوڙ ۾،
ڏينهن ويامڻ جا ۽ گهٽ وڌ، فرق توڙا توڙ ۾،
ڪي اڏامن، ڪي سترن، ڪي سر بسر ٻڪ ٻوڙ ۾،
ڪي چرن ۽ ڪي چٽن، ٻوڙي ٽڪر، ڪو ٻوڙ ۾،
گهر اندر، ڪوڪڙ اندر، ڦر ۾ ڪيون، سپ ڦوڙ ۾،
رنگ توتي پار ڏر ڏر ڏار، سمجهي ڇا سگهان!

"حي" حڪيم هيل تائين، هٿ هنيا، هٺندا رهن،
ڪئين ڪروڙين سيل ماڻهون، تڙ نه ٿيو تڻندا رهن،
آپ اڳانهان ڪي اچان، خيمان ڪٽي ڪٽندا رهن،
سج چڪي پون ڪي ٻيهاريو، نته چپر چٽندا رهن،
وي، ولهاري ۾ وچان، وٺ ٽڻ، وليون وٺندا رهن،
واه ڪڏهن ڪوسو، ڪڏهن ٿڌڪار، سمجهي ڇا سگهان!

"خي" خبر وٺ تنهنجي خلقت ڪي، ٿيو ڇا خرج خام!
پير، هٿ، هڏ، چم هيون، نڪ، نيڻ، ناليون نيڪ نام!
واء، پاڻي، ٻاهه، ٻجلي، اڄ وڪامن عام جام!
رت پرائڻ جي رقم پڻ، خوب چالج خاص عام!
پوء مٽائي صرف توتي، صرف ٿئي ڇا صبح شام؟
ڪس ڪروڙن ۾، ڪسر ڪم ڪار، سمجهي ڇا سگهان!

”دال“ دلبر ديک دريائن جي، دهشت ڏوم ڏام،
هڪ سدا ڪاري جو ڪارو، پيو منهُ پاڻي مدام،
پن منجهان خوراڪ ڪائن، خان ۽ خادم، خدام،
جر جدا جاني! نه ٿئي، ٿوڙي ڪٿي گڏجن گدام،
هت نه هي هن سان ملي، وچ ۾ ڪو دائم آهي دام،
لڪ وره لڳ پڳ لڳي للڪار، سمجهي ڇا سگهان!
”ذال“ ذرڙا بي پسه جهڙا اندر جيئري ڪِ موءِ،
جانور، بي جان، جن، انسان، جر، پٽ، جهنگ، جمُوءِ،
ڪيئن پسه پهرين پيو، پهرِي ويو ڪنهن پار پوءِ،
بي پسه ۾ ساه ڪنهن بي ساه ڪان بلڪل نه پوءِ،
ساه ڏيئي يا ساه نيئي، سو ساه صاحب هيڪ هوءِ،
ساه خود ڇا؟ سوچيم سئو وار، سمجهي ڇا سگهان!
”ري“ رعايت روشنيءَ ۾ ڏس، اکيون آپ ۾ اڙاءِ،
سج جهو گولو نه گهڙيو، پر گهڙي ڪو، تان گهڙاءِ،
چنڊ، تارا چوطرف، ڪنهن کي جواهر جيئن جڙاءِ،
آڻ اپ جيڏو جهنڊو ڪو، ڪنهن جي چوٽيءَ ۾ چڙهاءِ،
پوءِ ڪٿ قيمت ڪِ، ڪاريگر ڪان پڇ، ڪلمون پڙهاءِ،
ڏينهن ڏيه تي ڏات ڪيو ڏاتار، سمجهي ڇا سگهان!
”زي“ زبانون ڪيتريون، عربي ڪِ اردو، فارسي،
سگهڙ سالن ۾ سکن، سڀ عمر لائن آرسي،
بس پڙهڻ ري پٽ پيو ڳالهائي، پيءُ جيئن پارسي،
پار لئي پولي وڏن جي، جيئن ويا لئي وارثي،
اي مڙني الله جا ڪم، جهل اکين تي آرسي،
جنس ميڪنهن جي جدا جهونگار، سمجهي ڇا سگهان!

"سين" سئو لک سال ساڳي، هر سلي جو سلسلو،
او زمانا، او زمينون، او ظهورو، زلزلو،
او ولد والدجها، او منجهه ولهارن ولولو،
او ڪيون ڪليو چوي، هي ڪم خدا جو ڪُل ڪليو،
ٻيو ٻئي بنياد موجب، باز، ڳيرو، بلبلو،
ڪنهن نه ڦر ۾ فرق، ڦير و ڦار، سمجهي ڇا سگهان!

"شين" شاڪر! ڏيک شڪليون، شڪر ڪي ڇا ۾ شڪي،
ڇئو ٻلا اهڙي ٻلئي ڪي، هيءَ تو ڪهڙي ٻڪ ٻڪي،
ڪنهن سبب سرڪار! تنهنجي سئو پريون صورت ڏڪي،
ڇو نه، ڪائي ڳهه ڳهلا، مدتون ڏينڌي ڏڪي،
ڇو نه، ٻاندر تون ٻنئين، ڇپرو پکي، يا ڇپ پکي،
هي نه ڪنهن قهار جا ڪم ڪار، سمجهي ڇا سگهان!

"صاد" صاحب صورتن ڪي، رنگ ۾ ڀاهيو پڪو،
ڪواڇو، ڳاڙهو، ڪوساڻو، سرخ، ڪوڪارو ڪڪو،
حَقّ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللهِ صِبْغَةً، ثاني نه ڪو،
هيٺ نه هٿ ٻوڙي هٿين ڪو، هٿ نه پر ٽوهڪ ٽڪو،
هي نه ڏونرو ڏوپ ٻن سان، رنگ گل، گوهر ڀڪو،
سون، چاندي، چنڊ، سڄ چوڏار، سمجهي ڇا سگهان!

"ضاد" ضد ظاهر ڏسڻ ۾، آب، آتش، وا، مٽي،
سڀ سنڀالي ڪُذ سدا، سبحان سهٽي سيٽ سيٽي،
ڏينهن ٽئي ڏيه تي ڏهاڙي، رات چانڊوڪي ڇٽي،
ڇا حصو هين جو ڪرڻ جو، ڪيتري ڪنهن ۾ ڪٽي،
رک فهم ۾ ڪوه ڦل؟ ڪي ڦيا ڦٽي، ڪي ويا ڦٽي،
دم بدم دنيا اندر ديدار، سمجهي ڇا سگهان!

"طوءِ" طوطا ۽ تتر، تاڙا، ٽلوريون، طور، هنجهه،
تون نه نوري ۽ نڪين، هن کي نه کهندي ذيه ڏنجهه،
صبح نڪرن سائبريا کان، هت وسيا هي سار سنجهه،
ٽيل ري طاقت سلامت، سئو پريون پرواز منجهه،
ڪيئن ڪڪڙ کي وقت جي، ري واچ پئي ٿي سڌ سمجهه،

هر پهر پويان پوي پوڪار، سمجهي ڇا سگهان!

"ظوءِ" ظاهر هر ذري مان، هر ظهوري مان ضرور،
رنگ ڏيندڙ نيڪ روشن، رنگ پوري مان ضرور،
ڪنهن جي پڙڪائڻ تي پڙڪي، باه ڪوري مان ضرور،
تندتون چورين تڏهن، "تون تون" طنبوري مان ضرور،
پر ڦيٽي عالم سڄو، عاليم اڏوري مان ضرور،

حڪمتون سمجهن به ڪي هوشيار، سمجهي ڇا سگهان!

"عين" عاقل عطر ناهي، وڪڻندا تو وٽ وتن،
سڀ وٺي سگهندا نه سي، ته به ڏينهن ڀني تيزاب ٽن،
پر ڪٿوري مان ختم ٿيٺي، نه خوشبوءِ منجهه ختن،
خوب خوشبوءِ مان ڪڍن ٿا، وڻ وليون پنهنجي وطن،
واس واڻن تي وٺن، تن جو ٽونگر يا ڪتن،

لنگهه جتان هڪ هير، پيو هڪار، سمجهي ڇا سگهان!

"غين" غافل ٿي م- عاقل!، گيا هه عينڪ ري عيان،
صبح ڏي ٿو ساک سج جي، دونهن لئي ڪجهه درميان،
ڪوٽ شايد ڪارگر جو، در ڇڪائي پيو ڏيان،
چٽ چٽيندڙ جو چٽو ڏس، گل بقاري جو بيان،
ڪين سمجهي ڪان ڪو، اپ زمين وارو زيان،

ڪيئن هلن پاڻهين ٻه هرلا، نار، سمجهي ڇا سگهان!

"ني" فصل جا فيصلا، اکين ڏسان عبرت جها،
چيٽ، آڏائون، ڪتي، قدرت ڏيکاري ڪم ڪيها،
چا ونگا، چاهيون، ڪِ گدرا، گول ميوا، مک، ميها،
پچِ، سلو، ڪاني، ڪِ ڪيرو، آهه آپون ۾ اها،
جو، جواريون، ڪٽڪ، پاجهر، ڪي پڪيون، ڪن تي پها،
لال، سگداسي، ڪر سيکهو چار، سمجهي چا سگهان!
"قاف" قدرت قاعدي سان، آهي قائم تا قيام،
ساڳيا ساوڻ سيارا، سنڌ، سرحد، تا سيام،
واه ساڳي وقت وس جا، ڏين پيڙهن ڪان پيام،
روز ڪي کوڙين خيمان، ڪن ڪنيا خيمان خيام،
ٻج پچڻ جا ڏينهن گهٽ وڌ، فرق عمرين ۾ ايام،
نغز نسل تي، بڻ سجاڳي سار، سمجهي چا سگهان!
"ڪاف" ڪل ڪشميريا جي، ڪم ڪما حقه ڪمال،
هڪ وٺي هرهڪ نه سگهندو، پيو پنجين ڏينهن پائمال،
هر اکيون الله بخشيون، جنس جملي جو جمال،
مغز ۾ چاپين چاچا، دور پنڌان ڏيئي ڏسال،
چٽک مهندئي مغز ۾ هو، ميل تي ماٺهو، ڪِ مال،
منهن مٺو، هٿ، پير پورا پار، سمجهي چا سگهان!
"لام" ليک ۾ لک نه ليک ۾ هير، ليک ۾ لسٽ لڳهر،
جگ بڻي ڪٿين جڳ ٿيا، جگمگ اها هر جڳهر،
او پلر پالوٽيون، پوکون، پکن پگ پگ پگهر،
بحر، بر، پون، اپ بجا، ويران ورهن ڪان وڳهر،
هفت موتي هڪ طرف، پوءِ گِتي نه چا ڪالين گهر،
بخشيشون بسيار بخشٿار، سمجهي چا سگهان!

"ميم" مالڪ مال بخشيو مل مهڻن مان مينهن،
ٻل منڊي، ليٽو، نهيرو، سڀ سنئين وس وڻهن،
واه! ري گوها گڏجر جا، گيهه ۾ ڳوهڻ ڳيهون،
دوبدو دونهون دکن، دک دور ڏيکيندي ڏيهن،
مرٽ، مانڊاٽا، منڊيڙا، ڏڏ، مکڻ مکڻيون، ڪيهن،
ملڪ رنگيا ملڪ جي مختيار، سمجهي چا سگهان!

"نون" نت نت دور نئون، نئون عمر ناهي ارٽ نئون،
ڳپ ڳيهڻ ۾ پوءِ ڳپرو، پوءِ ڳاڙهو ڳرٽ نئون،
پوءِ ڪرڙو ڪي، پوءِ ڪراڙو، پوءِ ڪنڌتي ڪرٽ نئون،
مرس ڳبهه ست سال، تنهن ۾ دم صحت، دم سرٽ نئون،
ڳم پروڪا ڳاه، گل ٻل، پير، ٻاجهر، ٻرٽ نئون،
هيڪڙي جي هار، ٻي ڪي هار، سمجهي چا سگهان!

"واو" ويچن واءَ لهريون، پر ڪيون پرزا پٽسي،
پس به پيتي ساٺ پوتسل، لهر ۾ لوهي وسي،
پنڌ لک ۾ ميل هڪ ليک، وڌ هزارر چا اسي،
لڪ ڪوهن ڏان ڪل تي ڪچ بيچ، روبرو وانگر رسي،
پاڪ مان ناپاڪ تي، ليڪرن پيهڙن پاڻي پٽسي،
وات هڪ، ليڪال ها ڪئين نار، سمجهي چا سگران!

"هي" هزارين خرچ ڪائن، هي هوائي آزماڙ،
پوءِ به ٿورو ٿيو تن، ڪرندي ڪين ڏسندا لاڙهه چاڙ،
ٻر ٻسڪي پکڻ ٻسون، ٻئا اڏوندا آڳڙ، ٻچاڙ،
خرچ وارا خون ڪن، ٻي خرچ ۾ ڪونهي ٻگاڙ،
ٻک هوا ۾، ٻير ٻٽ تي، پيٽ ٻر، ٻانيان ٻراڙ،
روز رمزون، راز منجهه رفتار، سمجهي چا سگهان!

"لام" لاشڪ اڄ عمر ۾ يڪ سدائين لا شريڪ،
لک ميلي مر مک ٻڌائين، ڪک ٻڌائين يا ورتيڪ،
لِک حياتيون، موت هردم، هڪ خدا جي هٿ وسيڪ،
ڪُوڙ ناهي، ڪوڙ ڏاهي، ڪوڙ ناهي ٺيڪ ٺيڪ،
ڀِڄ پاڻي مان ٻڌائي، لوڪ ڪان نڪري نه ليڪ،
ٻاڦ، مند، مينهن، ملڪ جا معيار، سمجھي ڇا سگھان!

"الف" احمد ڏس عجب ڦل ڦر، نيلوفر لت نوان،
اڪ، اڪڙ، اکروٽ، السي، انب، آمان ارغوان،
مرچ، موري، مڱ، مٽر، ميٿي، چٽان، چونرا، چوان،
سرھ، سرگھو، ساڳ مرڪن، سينڌ، ماريون، مر سوان،
ٽم، ڪِ ڳم، ڳنڊير، ڳاڳيون، ڇاڳٽي پوري پوان،
ٽوپ، ڊپ، منيچ، ٽوه، ڻالهيون ڏار، سمجھي ڇا سگھان!

"ي" يقينا سو يڪسر، يار ياور ٻٽ يڪو،
ٻيا ڏني ٿي ڏين، هو ڏي ڏيه ڪي ڏيٺو نه ڪو،
سج هلائڻ ٿي هجي، ڪل جڳ، ٿم ٿوريءَ ٿي ٽڪو،
سي سنڀالي هيڪ هو، جيئن ٿنهنجي هٿ ۾ هڪ ٽڪو،
ڪوڙ ٻيا ڪوڙين نه ٻڌندس، قلب ۾ ڪلمون پڪو،
قلب ۾ ڪلمون پڪو، ٻي ڪار سمجھي ڇا سگھان!

[١٣]

"الله اڪبر، چئي اٿي"

(ٽيهہ اکري)

"الف" اکيون عين جون ڪر، آرمي امرار ٿي،
جانچ جمڪي جابجا، اچ جام جم جمسار ٿي،
هر هنڌان هڏيون هلائون، حال تي هوشيار ٿي،
رب تعاليٰ تي توڪل، هر طرح تيار ٿي،
مرد ٿي ميدان ۾، نہ تہ ٿو مرين مردار ٿي،
صف پڏي سالار ٿي، الله ڪبر چئي اٿي،
"بي" بندو آهين برابر، پٺو نہ پانج ڪجهہ پٺي،
ووس جيئن رب ڪان نہ ڦر، نہ تہ روه ۾ ويندين رُلي،
اچ خدائي خود خدا جي، خوب خصمن ني ڪٽلي،
باه، بم، باروت وچ ۾، بست سندن بنيا ٻُلي،
لاش لينن سر ڪلهن، لڪ تان لڙن لاچار ٿي،
تون نہ تين جيئن خوار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي،
"تي" تبارڪ رب تعاليٰ، شل نہ ٿورا ڪنهن تڙي،
رب تڙي چڏهو نہ اچ، پيو روس رڍ وانگر رڙي،
بي پسه ڪان بي پساه ۾، ڪيئن پسہ پوندو اڙي!،
ٿون نہ جيڙو ڪو جيارئي، جت جڙي، يا ٻت گهڙي،
مفت ملحد ڪي مڃي، مهندان نہ تون منهن ڪارٿي،
ٻلڪ منڪر مار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"ثي" ثنا سبحان جي، جنهن جي ثنا ثابت ثواب،
جنس جوڙي جنس ري، هر جنس جوڙو لاجواب،
آدمي آدم منجهان، آدم پٺيان آدم نواب،
هر سلي جو سلسلو، سو سال سالم بر صواب،
قرب مان قربان تون، قدرت مٿان ڪلتار ٿي،
غير کي ڇٿو غار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"جيم" جوڙڻ هار جوڙون، جوڙيون جوڙا ڪري،
ڪنهن ڪنواريون، ڪنو رڪهڙا، ڪيئن علن ڪوڙا ڪري،
منهن، مهاندا جن وڌهي، ماهه موتين موڙا ڪري،
پيو سکهي ڏاهي نه ساگي، سنو ڪٿي سوڙها ڪري،
پوه ڦري فرمان ڪان، ڦل مان نه تون ڦلهار ٿي،
ڪل منجهان گلزار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"حي" حڪم، حڪمت، حڪومت حاڪمي حنان جي،
مملڪ مالڪ جو، سلڪ، جن، ملڪ سي منان جي،
صاحبن لي صاحبي، صاحب سچي سبحان جي،
ڪل رعيت سان رعايت، روز شب رحمان جي،
غير غالب سان گڏي، غافل نه غارت غار ٿي،
غار جو غمخوار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"خي" خدا جي خاطري، تنهن ۾ خطا خطرا، خيال،
هي هجن ۽ هو نه سمجهن، تين هئين قربو خيال،
قل هو الله احد، ان جو نه پيو اهل و عيال،
ذيه کي ڏاتار ڏي ٿو، ڏوه ديون تي ڏيال،
خود بنايل جا بناني، ٻئو نه بت تي بار ٿي،
بار جو بردار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"دال" دل مان ڪيڊ دايلن، دوست دابرا مڃ ڏٺي،
خلق خـالـق پاڪ خلقي، خـال خالي مان ڪٺي،
نـــور ڀرين پـوءِ پارس، پـــوءِ ٿيو پاڻي پٽي،
پـر ٽٽي جنهن مان ٻٽي، سي بي پسه پرزا پٽي،
امـــر ٿيو الله جو ان ڪي، تـہ عنصر چار ٿي،
ٿر ٿنو سٽ ڏار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"ذال" ذرڙن مـــان ٿيا، ظاهـر زمين و آسمان،
زورپون، ڪمزوريون، ٻٽ سٽ زمين تي هر زمان،
بي پسہ، بي روح جا، اي ڪم نہ بلڪل بي گمان،
ڪان واري ڪان اڃليو، ڪان اڇلي ڪيئن ڪمان،
غور ڪر، ويچار ڪر، ور ور نہ بي ويچار ٿي،
گوش منجهہ گفتار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"ري" رهبر ٿي راج، راڻا، جنهن بہ راجا وٽ رهين،
منهن ذرو موڙين تہ خود، معلوم مهندان ڇا لهين؟
قدرتون ڏسندي بہ قادر لاءِ "ڪونهي" ڪيئن ڪهين؟
سچ سزا ان سرڪشي جي، سنجهہ صبحا سر تي سهين،
بند تائب ٿي نـــہ توبہ، تـرت تابعدار ٿـــي،
منجهہ حڪم هروار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"زي" زمانن ڪان زمين تي ونگ ماڳيان ٿا رچن،
جين تہ جين، ماڻهوءَ تہ ماڻهو، فصل پنهنجي پر پچن،
منڍ معدي بي پسہ ڪان، هي منڍل مشڪل مچن،
بلڪ افلاطون اٽڪن، تبہ تہ اٽڪل تـــي اچن،
هي خدائي خود خدا جـي، خاص خدمتگار ٿي،
پٺا نہ پواڄ پار ٿي، الله اڪبر چئي اٿـــي.

"سين" ساڻي جن سندو، سهڻو سچو، سايم ستار،
سي قصر ڪسرا ۽ قيصر تي، ڪري نڪرن قطار،
باغ يا باغي ملن تن، تين پوريءَ جا پتار،
تخت يا تختي مٿي، طوفان ملي بي تند تار،
جلد منجهه جنات تجري، مِن تحتها الانهار تي،
مرحبا مهندار تي، الله اڪبر چئي اٿي.
"شين" شاهي، يا شهادت، شرط شيري سان ملن،
پر نہ ڪاڏيءَن هڪ گهڙي، ڪدڙن کي گيري سان ملن،
سرفروشي فرض تي، فتحون نہ ڦيري سان ملن،
دوستا! دنيا، ديِن پڻ، درجا دليري سان ملن،
ڪر ڪ تروا ڪرنڊيوا، تنهنجو ڪم تلوار تي،
وڪ هڻو هسوار تي، الله اڪبر چئي اٿي.
"صاد" صاحب ري سلامي، اي نہ اسلامي اصول،
ڪوڙ، ڪلفت، بدڪلامي، اي نہ اسلامي اصول،
ري عمل عزت علامي، اي نہ اسلامي اصول،
غير مسلم جي غلامي، اي نہ اسلامي اصول،
خان آهين، خان ٿي رهہ، خان خود مختيار ٿي،
سر هڻن سرڪار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"ضاد" ضد کي ڇڏ ضروري، هي ضرورت جو زمان،
پٽل مَ پاءِ! پانهان نہ اڄ، اپ بدلجن ٿي گمان،
لاهيہ ڪم جي اپي ڪمائي، قوم جي وٺ تون ڪمان،
مر تہ مارين مزت خود کي، ناهہ مرڻو مسلمان،
مسر بهشتي ٿي، بلا جيءَ، بادشاهہ بختيار ٿي،
ڪنهن طرف تڪرار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"طوء" طيارا، تارپيڊو، تير، توبون ڇا چوان،
بحر، بر، توڙي هوا ۾، ڪيا هو اين سڙهه سنوان،
تون نندووا! ننڊ ۾، گو سر نغارا نت نوان،
هن نوايا نـ ـر نوان، گون نات سوڙهو ناتوان،
قافلو قابو ڪرائي، قافلي سالار ٿي،
راست منجهه رفتار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"ظوء" ظهورو آهي ظاهر، روءِ زمين تي ظالمن،
ڏس بلا مين پيا بدلجن، بخت بالا بالمن،
عالمن تي آفتن، آرس اسان جي عالمن،
سوپ سعيي سان پدل، سستي نشي سر سالمن،
خواب ناهي خوب اڄ، خالي ڪنان خمار ٿي،
وجهه وٺي وينجهار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"عين" عبرت ۽ عجب جي، ڳالهڙي آهي اها،
تون مرڻ کان ٿو مڙين، مشرڪ ٻه ماڻهو تو جها،
تون صمد کان سر رکين، پاريا صنم سان هن سيها،
هو ڪمائين ڪيميا سي، تون ڪرين ٿو ڪم ڪها،
اڄ ٻه بگڙي جي بنايو، هڪ ٻئو سي پائـر ٿي،
ساڻ يارن يار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"غين" غم غم تي ڪٽڻ، غازي! غزا لئي ڪجهه نه ڪئي،
جان جاني! ڪئي مٽي، جنت جزا لئي ڪجهه نه ڪئي،
واڄ سي راضي رکين، رب جي رضا لئي ڪجهه نه ڪئي،
بحر ۽ بر ۾ بچا فوجي، قضا لئي ڪجهه نه ڪئي،
ٻي سبب بستر مٿي، بندا نه ڪير بيمار ٿي،
بحر، بر بمبار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"في" فرض ٿي سرفروشي، دم فراموشي خراب،
خصم تنهنجي خون ۾ خوش، خان! خاموشي خراب،
دوست چاڻي، دشمنن سان، دوش بادوشي خراب،
چاڻ، هاڻون کو هٽن، هاڻي هم آغوشي خراب،
خير، توسان خاص ٻيٺو، خارجين کي خار ٿيي،
خـر پٺا خونخوار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"قاف" قسمت ۽ قضا، هر قوم اٿي هيڪڙو قلم،
ملڪ مشرڪ پٺا وٺن، توکي ملي مشڪل ملم،
پٺا اڏامـن اپ سٺي، تنهنجو ادل! اونڌو علم،
فرق، عامل لئي اميري، بي عمل لئي غم، الم،
هو قضا، تون پڻ قضا، موجب قضا ڪلتار ٿي،
قاتلِ ڪفاو ٿـي، الله اڪبر چئي اٿي.
"ڪاف" ڪلمه گو ڪروڙين، سٺ، ستر پڌجن صحي،
تن منجهان ٿـي راج واٽـا، راج پڻ واڃن نهي،
انگريزن هيٺ ان مان، اڏ ٻـه وڌ وانچم وڃي،
چئو ته ڪهڙي هي قيامت، قوم آهيون يا ڪهي،
جنگ جاجهونجهاريئين تون، ڪيئن جري سان جهار ٿي،
جهار سان جهونجهار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
"لام" لـچـڻ سان لچمي، وي لچڻ لـچمڻ لچن،
وڃ بچي، پرواه نه ڪر، پراون پاڻهين ٻڙ پڇن،
ڪوه ڪسڪين ٿو ڪسڻ ٿي؟ ڪيهر ڪسندي ڪيئن ڪچن،
مر نه ميڙي، ملڪ ماري، مير ٿي، موڙي مچن،
نـر بٺي، نيزو ڪٽي، نعرو هٽي، نـرواد ٿي،
ڪر ڪٽي ڪرار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

”ميم“ مشرڪ جو نہ مولا، ڇا مدد ڏيندس مزار؟
مؤمن جو آهي مولا، خود خدا خوش دل گداز،
هڪ ڏهن، سئو ۾ سوَن لئي، ۽ هزارن تي هزار،
هاڻ هن مان هڪ اڳيان، هي هي! هزارين حال زار،
زور وٺ، زاريون نہ ڪر، تون زير، فرمان زار تي،
زار مان زردار ٿــي، الله اڪبر چئي اٿي.
”نون“ نصراني بہ نت، نيزن سمهون نڪرن نچي،
دهرين جـــي ڏار ويئي، دهريت لئي ڏم مچي،
بت پوڄاري بـاهہ وچ ۾، تون وٺين باقي بچي،
بي امـن اسلام اڄ، اسلام ۾ ڇـا ڪئي؟ اچي،
ديـــن جـي دعوا نـہ ڪر، يا دوبدو دلدار ٿي،
ڏوڪ ڏوڪڻ هار ٿي، الله اڪبر چئي ٿي.
”واو“وڃڻو وقت ڪونهي، ۽ر وڃڻ کي تون ۾ وڃ،
پيچ نہ، پيڙهيون جي پيچن ٿا، ڳن جون پيڙهيون تون بہ پيچ،
ساز ۽ سامان سان، سامهن کي سامهين سينگ سچ،
موت حق تان موت ناهي، پـر مدامي عيش مچ،
هنج حورون، هنڌ هندورا، هي نہ هاريا! هار ٿي،
هار سان هونهار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.
”هي“هزارين سال ڳنهن جي، حاڪمن ۾ هاڪ هئي،
دوست! تنهنجي دوبدو، هت ڏوڪ ڏوڪان ڏاڪ هئي،
خلق سب خاقان سوڌي، خاڪ پيرن خاڪ هئي،
تنهنجي اڳين جي اڳي، اڳري ڳري املاڪ هئي،
تون ڦرين وانگر ڦري، ڦٽڪين بہ ڦار و ڦار ٿي،
حق ۾ چڱ حقدار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"لام" لاشو ٿي م َ لاشڪ لشڪر ابرار ٿي،
قل هو الله احد، اندر انهي اقرار ٿي،
تورتڪ چڏ، تڪ ٻه تڪ جو، تڪ ڏٺي تڪرار ٿي،
ڪيئن ٻه هن آزار ڪان، آزاد ٿي، احرار ٿي،
قوم جي سرڪردگي ڪر، ڪُرد منجهه ڪردار ٿي،
مرد مان سردار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"الف" 'احمد'! پڌ احد جو، قول احدي الحسنين،
حسن سعيي ماڻ حسنت، يا حڪومت هٿ ملين،
يا هندورا هنڌ هوندن، هوند جيئن حضرت حسين،
فرق ري فرقان اندر، سرفروشي فرض عين،
بزدلي کان باز اچ، بازي کٽان بيزار ٿي،
بي خبر بيدار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

"بي" يقيني فرض ديني، ماڻ ياور ياوري،
باور ڪ باريءَ سٺي، يڪبار جذبي ياوري،
يال پالي ڇهنب پر، بُختي پلا، بختاوري،
ڏاڍين کان ڏار ٿي، دائم ڏٺي جي داوري،
ڪارگر وٺ ڪار پر، ڪارو نه ڪاروڪار ٿي،
پاڪ ڪلمي ٻار ٿي، الله اڪبر چئي اٿي.

[۱۴]

"ستار سان سودو لڳو"

جان جو، سامان جو، ستار سان سودو لڳو،
ساهه، سر جو، ساهه جي سيڻڪار سان سودو لڳو.

خلق ساري جو خدا، جنهن وٽ خزانن جي نه ڪوٽ،
تنهن شهن جي شاهه، شاهوڪار سان سودو لڳو،

قول ٿئي ڪوڙو نه جنهن جو، ئو ڪري ڪوڙهن ڪرام،
تنهن سچي سبحان جي، سرڪار سان سودو لڳو.

جان جو، سامان جو، سانگو ڪريون ڪهڙي سبب؟
جن پنهين جو خوب، خلقڻهار سان سودو لڳو.

جان ۽ سامان ڪا سهٽي، سٽي تان شئي نه هٿا،
پر غنيمت! جيئن غني غفار سان سودو لڳو.

هن بدن بي ڪار جو، بدلو ڏنو بـاري ۽ بهشت،
واهڙي! وهواه!!، وڏي وهنوار سان سودو لڳو.

جان، سر سامان جا، سانگا نه سولهن اچ سڄاڻ!
ڪاڻ قرباني جڏهن، ڪلتار سان سودو لڳو.

مهل ٿئي مردانگيءَ جي، مردا سڌ ميدان ڪيو،
پر جهليو، ڇو؟، جڏهن جبار سان سودو لڳو.

دشمن سان دوستي، دل ڏيڻ وارن ڪين چاهي،
ڇا ڪريون اغيار کي؟، اڳ يار سان سودو لڳو.
جن متمي مالڪ مٺو ڪيو، منهن ميڙيو ۽ مال ڏونهن،
تن جو بلڪل بي وفا، بيڪار سان سودو لڳو.
مون ڏٺا سرندا گهڻا، ڪي ميلڪ تي ڪي مُلڪ تي،
پنهنجو ماڪ مُلڪ جي، مختار سان سودو لڳو.
پنهنجي گولن ڪان گهريا، ملهه ساڻ مالڪ جان، مال،
ڪٿ نه ڪنهن جو آهي، ان اطوار سان سودو لڳو.
ڪنهن جو سئو واري سان سودو، ڪنهن جو سٺ
واري سان سٺ،
آهي "احمد" جو احد، آڌار سان سودو لڳو.

---

[۱۵]

اتفاق

ٿو چوان اعليٰ عجب، اسرار آهي اتفاق،
دين ۽ دنيا سندو، ديدار آهي اتفاق،
زره رُڪ جي ڍال پڻ، بندوق ڀالو ۽ ڪمان،
تير، توڦي توب، ۽ تلوار آهي اتفاق.
صلح جو سامان پڻ، ۽ جنگ جو سارو سپاه،
سوڀ ۽ سرسي سندو، سينگار آهي اتفاق.

Soorih Mirani

بخت ڪارڻ بادشاهن، بادشاهي جي ٿي بخ،
سوپ وارن جــو، سپه سالار آهــي اتفاق .
تاج ڪارڻ تاج وارن، تخت وارن، ڪان تخت،
مدنظر تــي ملڪ جـي، مختار آهـي اتفاق .
پلٽڻيون لنهن ڪي پر، زج، خواه مٽ، پٽ ۽ پناه،
خــواه غلبو، خـواه غلبي دار آهـي اتفاق .
ڪن مچر ميڙو ٿه، ماري هوند هاٿي ڪي هٽن،
ان طـرح اپـــرن اڇهو، آذار آهـــي اتفاق .
پن ميارن ڪان ته سچ پچ، شير جي شيري ڪي ڊپ،
ايئن نه ڪنهن پي پر ٿئي، اي پار آهي اتفاق .
خواه ڪثرت، خواه قوت، خواه قدرت، خواه قدر،
خواه حڪمت، خواه حشمت داو آهي اتفاق .
عادتون اپريون نه ڏاريو، ڳالهه وچي نڪري نفاق،
پوءِ نتيجو ان جـــو، آخـرڪار آهي اتفاق .
بغض بد خواهيون ڇڏيو، ۽ ڀاءِ، برادر ٿي وڃو،
نـــام ان نڪتي سنڌو، نــروار آهــي اتفاق .
پاڻ بـــي هشيار ٿيائي، ڪين اي يار! پلو،
هــوت! پنهنجو هٿ وڏو، هشيار آهـي اتفاق .
آرسي ”احمد“! نه ٿيو، الله اڪبر چئي اٿيو،
آهـي نعرو نـــور اي، ۽ نـــار آهي اتفاق .

[١٦]

"مناجات"

„ڏيه جو ڏاتار تون"

دانهن ڪو در، ٻين ڏٺي، درگاهه ڪون، دربار ڪون،
تون سدا، تنهنجي سدائين صاحبي، سرڪار تون،
تون هئين، آهين به، هوندين، هوند جو حقدار تون،
تون اول، آخر به تون، اسرار تون، اظهار تون،
جوڙ ۾ جوڙو، نه تنهنجو جوڙ جوڙڻ هار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ڪون هئين، آهين به، هوندين، اوجهه پياچا ۾ آجهي،
ساهه، واءُ، وڄ، گوڙ، گرمي، ڳالهه ڪيئن ڳوڻ ڳجهي،
سي مڙئي مڃيا وڃن، تنهنجي مڃڻ ۾ پيا مجهي،
صبح ناهي سچ سوال، اِي ثابتي سڀڪنهن سُجهي،
تون نشانين سان نشانبر، نــور تون نروار ڪون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

تون هئين، آهين به، هوندين، ٻيو سڀ عالم عدم،
تون خدا، تنهنجي خدائي، ڪن خردي چا ڪي خدم،
چا ڪُڏن ڪلڪين قلعن تي، منجهه قبر جن جا قدم،
دل وڃي دهشت کان ڌهليو، جي ٿئين تون دور دم،
تون نه ڳهارين ڪير ڳهاري؟، هر ڪوڙي ڳنڌ ڳهار ڪون،
ڪون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

Soorih Mirani

تون خدا تنهنجي خدائي، ٻيون خديون خالي خمار،
لاڏلا لاڙي چڙهين، جاڙهي چڙهين چڙهڙال چمار،
ڏينهن، واليون ڏوه ۾، چالي وچائي سون چمار،
سر بندي ٻڌين ڪي ٻڌيون، بخش بديون بي شمار،
ڪون نه بخشين، ڪير بخشي؟ بخش بخشڻهار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو، ڏيه جو ڏاتار تون.
سٽ ستر ڪان اڳ نه منهنجي، ڪنهن ڪي ڪر منجهه ڪاروان،
ڪين مان تو ڪيئن بڻايو، پوء نطفو ناتوان،
پوء ٻجهو ٻپ، پوء ٻيرو ٻرٽ، پوء ڳوڙهو جوان،
قوت، قوت ڏيئي ڪيس تو، پاڻ پالي پهلوان،
تون نه پالين، ڪير پالي؟ پال پالڻهار تون،
ڪون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.
آفرينون ڪوڪي آهن، ڪيئن اپايو تو اين،
ڪيئن بهار ئي، خال خالي ۾، بنا ڏوڪي، ڏنين،
خال خالي جنهن چون، خالق! نه هو لاسون لين،
لک لقائون لوڪ جنهن ۾، ڪير ساريندو؟ سين،
پيا سنڀالي چا سگهن، سڀ جو سنڀاليدار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.
ڪون سنڀالين تن سين ڪي، آئون به پانهو تو سندو،
جهڙو تهڙو آهيان، تہ به تو سندو ڪولو گندو،
توڏي باري بار ڪيڙو، لک بندن مان هڪ بندو،
تنهنجي پانهي ساڻ پاجهون، ڪير ٻيو قادر ڪندو،
پاڻ پنهنجا تون نه پارين، ڪير پاري؟ پار تون.
ڪون نه ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

شام منهنجو شام سڀني مس، صبح تنهنجو، شام تو،
سٺ سترِ گذري پئيون، رهندو وڃي رب نام تو،
جام جامن کو ڏيکاريا، جام پيتم جام تو،
صبح تولي شام آئون، شامتن کان شام کو،
شام گون جهل، شام تون پل، شاهه شاهوڪار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

پير، پڙن جا پوڄاري، وير وحدت کان وڪن،
مدعي، منڪر مداري، وير وحدت تان وڪن،
شڪم، شهوت جا شڪاري، وير وحدت تان وڪن،
مفت مون مان ڪي مڪاري، وير وحدت تان وڪن،
تون نه مارين ڪير ماري؟ مارئن ڪي مار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

منهنجو پاڇهارو ڏٺي تون، آئون پانهو تو سندو،
عمر ساري آسري پر، آستانو تو سندو،
آبرو توکان عطا ٿيو، آب دانو تو سندو،
ڪنهن ڪٿي ڏيندي نه ڪٿندو، ڪو خزانو تو سندو،
لاڳ گهرندي پيا لڪن، لاڏو اڇين ملڪار تون،
تون نه ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

تو ڏٺي! دانا ڏنو مون، آب دانو، دين دان،
خاڪ مان خاقان ڇايان، خان ڇايان، خاندان،
تو نوازي ڪيو نڌر، نادان ڪي نادر نڌان،
پاڇهه سڀ تنهنجي پڇهان، پيا ڪير؟ تان پانهون پڌان،
جن ملڪ ڪل ملڪ تنهنجي، ملڪ جو مختيار تون،
تون نه ڏيندين ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

هيڪ تون حاڪم هميشه، هڪ ٻه ڏينهن حاڪم هشام،
هيڪ ٻي ٻنيان هزارين، شاهه ٿيا منجهه روم شام،
سبق مون سبحانڪ الله هم و بحمدڪ صبح شام،
شام جن جو شام هڪ، ڪي شوم ٻوندا ٽنجي شام،
آئــــون تـابعدار تنهنجو، منهنجو تلهيدار تـون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

آسري تنهنجي ٿو اڏيان، توڪي ٿو سڏيان، سڏ سڻيج،
توڙ تائين ٽو نه ڇڏيان، توڪي ٿو سڏيان، سڏ سڻيج،
غير گند ٽوسان نه گڏيان، توڪي ٿو سڏيان، سڏ سڻيج،
لڏ جتي لاهيان، ڪلڏيان، توڪي ٿو سڏيان، سڏ سڻيج،
تون نه سڻندين، ڪير سڻندو؟ سڏ سڻج ستار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيند ؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ڪين مان تو ڪئين ڪيا، قربان قدرت تان ٿيان،
ڪنهن اپايو، ڪنهن نپايو، تنهن جو نالو ٿو نيان،
ڏيه جو ڏاتار تون، جيڪو ٻچي تنهن ڏس ڏيان،
قهر تنهنجي پر ڪنبان ٿو، مهر ٽي مرڪان ميان!
تون نه لاهين، ڪير لاهي؟ لاه سڀ لاچار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

قهر تنهنجي پر ڪنبان ٿو، قهر ڪارون پار ڪن،
مون گنو مونون تو مهندان، مون گني مهنداء من،
پنهنجي بندي جي بدن مان، ڪي بدين جي بيخ ٻڻن،
تن مجو تنڪن مان تن تن، نه تنها هڪ ٻه ٽن،
مهر جـون مرهم ڏيين، مرهيمر مرهمڻهار تـون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ڏينهن جو جڏانهن ڏسان ٿو، باغ، بازاريون، بهار،
اڀ مٿان اڀ، ٻون پران ٻون، ڳوٺ ڳٺان ني ٻهار،
كل يومٍ هو في شان، اهو بس اشتهار،
نت نرالا نقش ڇٽيين، نت نهاريان، ڪجهه نهار،
تون نه ڪندين، ڪير ڪندو؟ ڪرسندم ڪم ڪار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

رات ۾ روشن ستارا، ڪر قنديلن جي قطار،
چنڊ چقمق تي هلي، تارا ٽڙني منجهه هيڪ تار،
ٻرج ٻارهن ٻرج ۾، ٻارئين ٻٽيون پٽئين پٽار،
ساريان، ساراهيان، سبحان سگهه تنهنجي ستار!
ساهه پڻ تون ساهه ڏيندڙ، ساه جو سينگار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

لک ڏين سان، ڏيه نه سارو، رات ڦيرڻ ۾ ڦٻي،
تون سڄڻ هڪ سج ڪيئن، ساهو سڄي، ٿهڙو ڪٻي،
ڏونهن ديهان ديهه ڪن، ته ٻه رات ڪاري ڪم نه ڏي،
جيئن گهرين تون، ٿيئن ٿئي، مرڪو چڙي، ٻيو چپ چٻي،
جن، ملڪ ڪل ملڪ تنهنجي، ملڪ جو مختيار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

تون سچو سائين وڏي تنهن کي سڄون سائو ڪرين،
ڪي ٻڄڻ جهڙا ٻرينڌي، ڪن کي ٻج ٻائو ڪرين،
ڪن کي اڙ لائين نه ڪن لئي، لڙ اندرلائو ڪرين،
ڏک وهارين، ڏک ٻه ٽارين، ڏور ڏولائو ڪرين،
وس ٻين جي وار نه آهي، وس سڀ هر وار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

تو سوا ڏاڏاريئا ڏاڏار! تنهنجي ذات کي،
لات تنهنجي لطف جي، نت لت لڳايم لات کي،
ناهي زاري وي ذرو، ڪو زور تنهنجي ذات تي،
ڪم ڪميني جا ڪئان، ڪر ڪرم تون ڪمذات تي،
تون نه ڪندين ڪير ڪندو؟ ڪر ڪرم ڪلتار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ذڪر ذاتي ذوق وارو، فڪر فيض اندوز ڏي،
شڪر وارو ساز سائينم! صبر وارو سوز ڏي،
در لنگهي آيو لنگهو، تنهن لعل ڏي، فيروز ڏي،
تنهنجي روزي ڏاو روزو، روز نئون نئون روز ڏي،
ڏينهن سڪيو ڏينهن ڪان، ڏکيو نه ڏينهن ڏيکار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

سر مٿي مارنگ مارڳ ۾ مرون ڪئين ماڳ ماڳ،
بر بلائون پولڙا، چيتا، بگهڙ ڪن چاڳ چاڳ،
ڪيئن وران پانهون، اچن آواز پيئا آڳ آڳ،
دل دليلن ۾ دکي، دوزخ ڪري ٿو ڏاڳ ڏاڳ،
تون نه ٽانڊو ٽارئين، پيو ڪير ٽاري، ٽار ٿون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ڪُن منجهان ڪُن سان ڪيئي، ٿو ڪي بنايو ڪين ڪي،
معتبر ماڻهو بنايئي، مٺ مٽيءَ مسڪين کي،
ڳائي چاتم ڳڻ نه تنهنجا، غم اهو غمگين کي،
قلب ۾ قابو رکيج، تنهن جي طلب تلقين کي،
ٻرو وڏو ٿو ٻار برسر، لاهي ٻاري! ٻار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

دل دليلن ۾، دلو درياءَ ۾، دهشت دور دور،
ڀار هڪ ڪان ڀار ٻي، پل پل ڀڃي ٿو ڀور ڀور،
ڪنهن نه سختي سير جا، سامهان سراسر سور سور،
هر مهل مهراڻ جون، موجون منجهائن مور مور،
تون نه تارين، ڪير تاري؟ تار تڪ مان ڳار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

ٻار يا رب! هيڪ تون، ٻڌا سڀ زباني ياو يار،
بار باري! ٻڌا نه ڪٿندا، آزمايم بار بار،
دوستُ چا؟ هٿ، پير، سر تڙ توڙ ۾ سڀ ڏاو ڏار،
قبر ڪارونڀار پر، منهنجو ڪنهي ٿو وار وار،
تون نه سارين، ڪير ساري؟ سير ۾ لهه سار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

صبح سانجهي سبق سون، سبحان ربي العظيم،
چا ڪهان تنهن جون، ڪروڙين قدرتون قائم قديم،
عرض "احمد" جو تہ اهدنا الصراط المستقيم،
جيءُ سڪيو، جيسين جيارين، پوءِ ڪلمين سان ڪريم،
ڪي قبر منهنجي منجهان، ڪا هير جي هڪار تون،
تون نه ڏيندين، ڪير ڏيندو؟ ڏيه جو ڏاتار تون.

مناسب اگهه
سهڻي ڇپائي
وقت جي پابندي

سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، ۽ فارسي زبانن ۾ رنگين، سادي ۽ آفسيٽ ڇپائي لاءِ رجوع ڪريو:

اسٽار پرنٽرس،

پاڳي خان جي چاڙهي،
گاڏي کاتو،
حيدرآباد.

مولوي حاجي احمد ملاح جا تصنيف ڪيل ڪتاب:

نورالقران منظوم ترجمون هديہ	۳۰ ــ ۰۰
ديوان احمد پلاسٽڪ جلد	۲۰ ــ ۰۰
بياض احمد	۳ ــ ۵۰
گلشن احمد	۳ ــ ۰۰
گلزار احمد	۳ ــ ۰۰
هيڪڙائي حق	۳ ــ ۰۰

سول ايجنٽ:

۱ــ غفور نيوز پيپر ايجنسي بدين.
۲ــ ادبيات حيدرآباد.
۳ــ سنڌ ڪتاب گهر ميرپورخاص.
۴ــ محمد اسحاق ٽنڊوالهيار.
۵ــ مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي نمبر ۲.
۶ــ آر. ايچ احمد حيدرآباد.
۷ــ ريلوي بڪ اسٽال لاڙڪاڻہ.
۸ــ اسٽار پرنٽرس، حيدرآباد.

Soorih Mirani

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورهه· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488